ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 16 نومبر 2025ع 24 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (93)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وڏي وزير ۽ صوبائي گهرو وزير ڌماڪي جو نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب زخمين بهترين طبي امداد ڏيڻ جي هدايت

حيدرآباد ۾ ڦٽاڪا ناهيندڙ فيڪٽري ۾ زوردار ڌماڪي باهه لڳڻ سبب عمارت تباهه، 5 ڄڻا فوت، 12 مرٽينگ

ائيرپورٽ ٿاڻي جي حد لطيف آباد نمبر 11 ڪوهسار لڳ ڳوٺ بخش لغاري ۾ هڪ گهر اندر غير قانوني طور قائم ٿيل ڦٽاڪا ناهيندڙ فيڪٽري ۾ خوفناڪ ڌماڪي بعد باهه لڳي وئي

ڌماڪي جو آواز پري پري تائين ٻڌو ويو. شهري خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ٿي ويا. ڌماڪي کان پوءِ پوليس، رينجرز ۽ ريسڪيو ٽيمن موقعي تي پهچي امدادي سرگرميون شروع ڪيو

ڌماڪي سبب سڙي ويل عمارت مڪمل طور تباهه ٿي وئي، ملبي هيٺيان دٻجي ويل پنج ماڻهن جا لاش ۽ 12 ڄڻن کي سخت زخمي حالت ۾ ٻاهر ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ويو

پوليس ۽ رينجرز جي وڏي انگ ۾ ٽيمن پهچي علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. عمارت کي لڳل باهه وسائڻ لاءِ فائربرگيڊ گاڏين پهچي وڏي ڪوشش بعد ضابطو آندو

فيڪٽري پوليس جي سرپرستي ۾ غير قانوني طور هلندڙ هئي، ان فيڪٽري بابت ڪيترين ئي شڪايتون ڪيون ويون پر ڪنهن به نوٽيس نه ورتو جنهن سبب واقعو پيش آيو آهي: علائقي واسي

فيڪٽري ڳجهه ڳوهه ۾ هلندڙ هئي ان جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني هئي، واقعي جي جاچ ڪيون پيا ملوث ماڻهن کي سزا ڏني ويندي: ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي/ مختيار برفت) حيدرآباد جي ائيرپورٽ ٿاڻي جي حد لطيف آباد نمبر 11 ڪوهسار لڳ ڳوٺ بخش لغاري ۾ هڪ گهر اندر قائم ٿيل ڦٽاڪا ناهيندڙ فيڪٽري ۾ خوفناڪ ڌماڪو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ 6 ماڻهو فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. ڌماڪي سان فيڪٽري مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي، جڏهن ته هڪ خوفناڪ باهه لڳي وئي، ڌماڪي جو آواز پري پري تائين ٻڌو ويو جنهن جي ڪري شهري خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ٿي ويا. ڌماڪي کان پوءِ پوليس ۽ ريسڪيو جون ٽيمون موقعي تي پهچي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڦٽاڪا ٺاهڻ فيڪٽري ۾ ٿيل ڌماڪي بعد امدادي ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن ٻي طرف ميئر ڪاشف شورو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

صدر مملڪت پاڪ آرمي، ايئرفورس ۽ نيوي ترميمي بلن جي منظوري ڏئي ڇڏي

پاڪستان آرمي، پاڪستان ايئرفورس ۽ پاڪستان نيوي (ترميمي) بل 2025ع تي صدر صحيحون ڪيون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري پاڪستان آرمي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

بلومبرگ پاڪستان جي معيشت ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد جي بحالي جو اعلان ڪري ڇڏيو

پاڪستان گذريل 2 سالن جي پيٽ ۾ هاڻي عالمي قرض مارڪيٽ ۾ واپسي لاءِ تيار آهي: بلومبرگ

پاڪستاني ڊالر بانڊز جي عالمي مارڪيٽ ۾ واپسي سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ اضافو ڪيو آهي: جاري ڪيل رپورٽ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مئگزين بلومبرگ پاڪستان جي معيشت ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد جي بحالي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي عالمي مئگزين موجب پاڪستان جي ڊالر بانڊز جي اڳهه ۾ اضافو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جو اومان جي پرڏيهي وزير کي فون، قومي ڏهاڙي تي مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار اومان جي پرڏيهي وزير سيد بدر بن حمد بن حمود

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جي مصر جي پرڏيهي وزير سان فون تي رابطو

مصري وزير جو دهشتگردي جي حملن ۾ قيمتي جانين ضايع ٿيڻ تي افسوس

ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ علائقائي اڳڀرائي ۽ غزه لاءِ امن جي ڪوششن تي خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر احمد محمد

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ اردن پاران غزه جي رهواسين جي بي گهر ٿيڻ تي ڪو به سمجهوتو نه ڪرڻ تي اتفاق

اردن بادشاهه پاڪستان جي سرڪاري دوري تي پهتو هٿياربند فوج جي دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو

وزيراعظم سان ملاقات دوران ٻطرفي لاڳاپن ۽ اقتصادي، واپار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ٻنهي اڳواڻن غزه جنگ بندي تي ڪم ڪندڙ 8 عرب ۽ اسلامي ملڪن سان رابطا وڌيڪ وڌائڻ جو فيصلو ڪيو

اسلام آباد (م د) اردن ۽ پاڪستان غزه جي رهواسين جي بي گهر ٿيڻ تي ڪو به سمجهوتو نه ڪرڻ ۽ غزه جنگ بندي تي ڪم ڪندڙ اٺ ملڪن سان وڌيڪ رابطا ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي اردن جو بادشاهه

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف اردن جي بادشاهه شاهه عبدالله جو استقبال ڪري رهيا آهن پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو ۽ خاتون اول آصفه ڀٽو پڻ موجود آهن ٻي طرف مهمان کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو پيو وڃي

ملير پوليس پاران مقابلي بعد به مبينا ڌوڙو گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسٽيل ٽائون فلٽر پلانٽ جي لڳ پوليس ۽ جوابدارن ۾ مبينا مقابلي جي دعوا ڪئي وئي آهي پوليس موجب گشت تي موجود اهلڪارن کي ڏسي هٿياربند جوابدارن پوليس تي سڌي فائرنگ ڪئي جنهن تي پوليس به جواب ۾ فائرنگ ڪئي جوابي فائرنگ ۾ 2 جوابدار زخمي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ ڊمپر جو رڪشا کي ٽڪر، ڊرائيور فوت، ٻيا مسافر زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي علائقي رزاق آباد ٽريننگ سينٽر ويجهو تيز رفتار ڊمپر هاءِ ايس وين ۽ رڪشي سان ٽڪرائجي ويو جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا ڊرائيور رحيم بخش ولد عبدالرشيد عمر 45 سال موقع تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا. حادثي بعد

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڀارتي رياست بهار ۾ گهر ۾ باهه لڳڻ سبب 5 ڄڻا فوت، 4 زخمي

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي رياست بهار ۾ هڪ گهر ۾ باهه لڳڻ سبب 5 ڄڻا فوت ۽ 4 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق بهار جي مظفرپور ضلعي ۾ هڪ گهر ۾ لڳل باهه ۾ هڪ ئي ڪٽنب جا 5

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سعيد آباد واسي پوروهيت جو پي پي آئي ايڇ اسپتال جي ڊاڪٽرياڻي ۽ دائي خلاف احتجاج

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سعيد آباد جي رهائشي ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ مزدور ڪالهه منجهند جو ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صحت جي وزير ڊاڪٽر

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ گهر تي هٿياربند ڪاهه، 6 ٻارڙن جي ماءُ گولين هڻي قتل

لاڙڪاڻو رپورٽ (س ز) لاڙڪاڻي شهر جي رحمت پور ٿاڻي جي حد سڪندر ڪالوني ۾ هٿياربندن پاران هٿيارن جا منهن ڪولي گهر اندر داخل ٿي 6 ٻارڙن جي ماءُ انيلا خاتون پيرزادو کي پستول جا فائر ڪري ڪُٺو تي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

يمن ۾ قبائلي چڪرين ۾ 20 ڄڻا فوت، 34 زخمي

صنعا (اي پي پي) وچ يمن جي علائقي البيضا گورنري ۾ علحدگي پسند گروپ طرفان شروع ڪيل قبائلي چڪرين ۾ 20

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سرينگر: نوگام ٿاڻي ۾ پراسرار ڌماڪو، 9 پوليس اهلڪار فوت، 30 زخمي

سرينگر (اي پي پي) ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ والاريل جمون ڪشمير جي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

انڊونيشيا: بالي ۾ روڊ حادثي سبب 5 چيني شهري فوت، 8 زخمي

جڪارتا (اي پي پي) انڊونيشيا جي علائقي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

پ پ طرفان آزاد ڪشمير لاءِ نامزد وزيراعظم فيصل ممتاز جي فريال ٽالپر سان ملاقات

ٻنهي جي نامزدگي تي صدر آصف زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر جو ٿورو مڃيو

ملاقات ۾ شهيد ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي ڪشمير ڪاز لاءِ ڪي اڳتي وڌائڻ جو عزم

اسلام آباد (م د) پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان پيپلز پارٽي جي طرفان آزاد جمون ۽ ڪشمير لاءِ نامزد وزيراعظم فيصل ممتاز راٺور اسلام آباد ۾ ملاقات ڪئي فريال ٽالپر سان

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: آزاد ڪشمير لاءِ پيپلز پارٽي جو نامزد ڪيل وزيراعظم اميدوار فيصل ممتاز راٺوڙ عورت ونگ جي صدر فريال ٽالپر سان گڏ بيٺل آهي

سنڌ جو واحد فئملي ڊائجسٽ هزارداستان نومبر 2025ع جو شمارو
هن شماري ۾ پڙهندا
عالمي ادب مان:
ميري روزيءَ جو پراسرار قتل — ايڊگر ايلن پو
اڄ ته موٽي هلون - جاپاني ادب مان شاهڪار ناول
طبعزاد نڪور ڪهاڻيون:
نه ويڄ نه طبيب — امر جليل
پاشا — جمال ابڙو
۽ پوءِ ..... پوءِ هوءَ ......! پرويز
اڪٽريون - الاهي بخش لاڙڪ
هيرا بازار يار محمد چانڊيو
ليءَ مٺل چانڊيو
مقدس پيءُ بخت ٻرڙو
اداس قبر صادق لاشاري
سوچن جو قيدي - امن لغاري
هر هنڌ موجود
غلام حسين رنگريزجي آتم ڪٿا
موراڪو جا ماڳ _ مراڪش جو سفرنامو
ڪوتا نگر
وسيم سومرو، ساحر راهو، شبانه عالماڻي، وفا رياض احمد لورڙ، آزاد ٺٽوي، شميم سومرو، حيدر مهراڻي، مسرور ملاح، وفا جانوري، امتياز عادل سومرو، احسان جيهو، ممتاز علي ٽرواسي، خير محمد گهنيو، ديدار شاد گوپانگ، گلزار احمد درس، جلال شيخ، اميد علي جاڪرو، فراخ جانوري، سردار خاتون جمالي، قادر بخش 'حاتم' مگسي، طارق امام جوڻيجو، مجيد نواز مغل، غلام رسول گل، اختيار علي خاصخيلي، اطهر منگي، وفا ياسين آرائين، امر ڪتري، محمد عارف لاشاري، سڪندر سرواڻ، ستار بادل بخاري، اداسي عبدالقادر ننڊواڻي، آثم رباب، الطاف انصاري، علي اڪبر چانگ، خالد ٻانيڇ، انور سانول، دوست علي احمداڻي، عبدالحميد جسڪاڻي، وفا صالح راڄپر، مظهر علي جروار، قاصر اياز ميمڻ، ذاڪر جروار، تنها سخاوت شيخ، فاروق رضا لوهار، غلام نبي اوٺو، ناز ربڏنو خاصخيلي، رحيم راهمون، ساحر سليم الله اوڳاهي، آزاد خاصخيلي، نظام دراني، صائم سومرو، رزاق خاصخيلي، وفا گل محمد جمالي، امتياز عزيز بالادي، قادر بخش مخلص چانڊيو، شيخ نياز، عبدالرحيم عبد ڪنير، جام آدرش، ساحل لطيف، باغي محسن، صادق لاشاري، حڪيم پريم چانڊواڻي، مير مختيار ٽالپر، فقير اصغر علي ڪپري، عبدالغفور ٻرڙي، ڪرم الله "دلبر سائين، بيوس سجاد ابڙاني، ميان مير چانڊيو، فقير محمد سنڌي، ديدار ديوانو گاڏهي، شڪيل پرياڻوي ۽ ٻين جي نڪور شاعري.

پنهنجي ڪاپي روزاني عبرت جي هاڪر کان اڄ ئي خريد ڪري وٺو نه ته پوءِ ميار ڪار نه آهي

پارليامينٽ کي قانونسازي جو مڪمل اختيار آهي، ججن جون مقررريون ميرٽ تي ٿينديون: وفاقي وزير اطلاعات

بشريٰ بي بي حڪومتي معاملن ۾ اثرانداز ٿيندي هئي ۽ روحانيت جي بنياد تي فيصلا ڪيا ويندا هئا: وفاقي حڪومت

پي ٽي آءِ جي باني عمران خان طرفان وزيراعظم محمد شهباز شريف تي لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن، پي ٽي آءِ جي باني جي گهرواري بشريٰ بي بي حڪومتي معاملن ۾ اثرانداز ٿيندي هئي: عطاءُ الله تارڙ

پي ٽي آءِ جي دور ۾ جيترا به اهم فيصلا ٿيا، اهي روحانيت تي ٻڌل سنڌس گهر بشريٰ بي بي جي سهڪار سان ڪيا ويا هئا، معاشي ۽ سياسي ٻنهي نوعيت جي فيصلن ۾ سنڌس گهرواري جو مرڪزي ڪردار هو

وزيراعظم شهباز شريف پي ٽي آءِ جي باني خلاف هتڪ عزت جي دعوي داخل ڪئي هئي، اها دعوي ان وقت ڪئي وئي جڏهن پي ٽي آءِ جو باني پاناما ڪيس واپس وٺڻ لاءِ شهباز شريف تي 10 ارب روپين جي آڇ جو بي بنياد الزام لڳايو

پي ٽي آءِ جي باني شهباز شريف خلاف الزام مختلف فورمز تي ورجايا پراڄ دنيا جا مشهور مئگزين انهن الزامن کي ڪوڙ ۽ بهتانن تي ٻڌل قرار ڏئي رهيا آهن، 2017ع جي ڌرڻن دوران به پي ٽي آءِ جي باني بي بنياد ڳالهيون ڪيون

وانا ڪيڊٽ ڪاليج ۾ 550 کان وڌيڪ شاگردن جون حياتيون بچايون ويون، جيڪو پاڪ فوج جي بهادري جي علامت آهي، فوج دهشتگردن کي جهنم پهچڻ ڪري وڏي ڪارروائي ڪئي، جوانن جون قربانيون سنهري اکرن ۾ لکيون وينديون

پي ٽي آءِ جو بيانيو افغانستان جي پروپيگنڊا سان ملي ٿو ملڪ ۾ آئيني نوعيت جا ڪيس ٻڌڻ لاءِ ڌار بئنچ يا عدالت قائم ٿيڻ سان عوام کي فائدو ٿيندو، 27هين آئيني ترميم کي جلدي ۾ منظور ڪرڻ جو الزام صحيح ناهي

پرڏيهه ۾ رهندڙ هڪ شخص خلاف لنڊن جي عدالت به فيصلو ڏنو آهي، جيڪو حقيقت جي وڌيڪ تصديق ڪري ٿو پرڏيهه ۾ ويهي سياست ڪندڙ شخص فوج تي الزام لڳائيندو رهي ٿو: وفاقي وزير اطلاعات جون ميڊيا سان ڳالهيون

لاهور (اي پي پي) سڏ سماءُ واري وفاقي وزير عطاالله تارڙ چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي باني عمران خان طرفان وزيراعظم محمد شهباز شريف تي لڳايل الزام ڪوڙا ۽ بي بنياد آهن پي ٽي آءِ جي باني جي گهرواري بشريٰ بي بي حڪومتي معاملن ۾ اثرانداز ٿيندي هئي ۽ "روحانيت جي بنياد تي فيصلا" ڪيا ويندا هئا انهن خيالن جو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ڪي حڪومت جو برطانوي مئگزين خلاف عالمي فورم وڃڻ جو اعلان

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي بابت رپورٽ بي بنياد آهي: ڪي پي ڪي جو وزير اطلاعات

عمران خان ۽ تحريڪ انصاف جي طرز حڪمراني کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي

اسلام آباد(م-د) ڪي پي ڪي جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ديءِ اڪانومسٽ پاران اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي زال بشريٰ بي بي جي ڪردار تي خصوصي رپورٽ شايع

عمران خان جي حڪومتي دور ۾ بشريٰ بي بي اهم سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيندي رهي: برطانوي مئگزين

بشريٰ بي بي اهم سرڪاري مقررين ۽ روزمره جي حڪومتي معاملن ۾ اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي رهي

اسلام آباد (م د) برطانوي مئگزين پنهنجي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته عمران خان جي حڪومتي دور ۾ بشريٰ بي بي اهم سرڪاري فيصلن تي اثرانداز ٿيندي رهي آهي دي اڪانومسٽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي زال بشري بي بي جي ڪردار تي خصوصي رپورٽ شايع ڪئي آهي، جنهن ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

بشريٰ بي بي خلاف آرٽيڪل ڪوڙو آهي، قانوني ڪارروائي ڪنداسين: بئرسٽر گوهر

آرٽيڪل جو مقصد بشريٰ بي بي ۽ پي ٽي آءِ باني جي ڪردار ڪشي ڪرڻ آهي

بي بي سي به امريڪي صدر جي تقرير کي غلط ايڊٽ ڪرڻ تي معافي گهري آهي

اسلام آباد (م د) چيئرمين پي ٽي آءِ بئرسٽر گوهر خان چيو آهي ته بشريٰ بي بي تي ايل آرٽيڪل ڪوڙ تي ٻڌل آهي. ان

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آمريڪا پاران ايٽمي بم جو بنا وار هيڊ ڪامياب تجربو

آمريڪا بي61-12 ٽيڪٽيڪل ٿرمونيوڪليئر بم جو ڪامياب تجربو ڪيو

نيويارڪ (اي پي پي) آمريڪا بي 61-12 ايٽمي بم جو بنا وار هيڊ سان ڪامياب تجربو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي توانائي کاتي جي سينڊيا نيشنل ليبارٽريز چيو آهي ته آمريڪا آگسٽ ۾

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سکر ۾ وڪيلن تي حملي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ٿيندي: ضياءُ لنجار

سينيئر وڪيل اڳواڻ قربان ملانو ۽ ٻين تي مبينا وڪيلن جي جماعت جو حملو افسوسناڪ آهي

سنڌ جا وڪيل پنهنجي برادري ۾ تڪرارن کان پاسو ڪن ۽ اتحاد برقرار رکن: گهرو وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير قانون ۽ داخلا ضياءُ الحسن لنجار سکر ۾ وڪيلن جي ڪنوينشن دوران وڪيلن تي ٿيل حملو سختي سان نوٽيس ۾ ورتو ۽ مذمت ڪئي آهي وزير داخلا ضياءُ الحسن لنجار چيو ته

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ مختلف سرڪاري گاڏين جا اي چالان آفيسر پنهنجي کيسي مان ڀريندا

سيٽ بيلٽ نه لڳائڻ ريڊ سگنل ٽوڙڻ، موبائل فون استعمال ڪرڻ جا چالان آفيس ادا ڪندا

سيني کاتن کي حڪم نامي تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جو وڏو فيصلو سرڪاري گاڏين تي ايندڙ اي چالان هاڻي آفيسر پنهنجي کيسي مان ڀريندا. سنڌ حڪومت طرفان جاري ڪيل اهم حڪم نامي موجب سرڪاري گاڏين تي ٿيندڙ سيٽ بيلٽ نه لڳائڻ ريڊ سگنل ٽوڙڻ، موبائل فون استعمال ڪرڻ ۽ ڪيٽيڊ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

عورتن کي مضبوط ۽ مستحڪم بڻائڻ شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو: سعديه جاويد

حڪومت سنڌ رورل سپورٽ پروگرام ذريعي غربت گهٽائڻ ۾ وڏو ڪارنامو انجام ڏنو آهي

سرسو ذريعي صوبي ۾ عورتن کي ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ 1 ارب رپيا قرض طور فراهم ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي اسيمبلي جي ميمبر پارلياماني سيڪريٽري پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو آهي ته عورتن کي مضبوط ۽ مستحڪم بڻائڻ شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هن منشور سان اڳتي وڌي رهيو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: جناح اسپتال جي سربراهه پروفيسر شاهد رسول جو مڙهه مٽيءَ ماءُ حوالي

جنازي نماز ۾ ميئر ۽ سنڌ هائير ايجوڪيشن جي سربراهه سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

رحوم جو مڙهه ڊيفنس قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي، خالي ٿيل عهدي تي ڪا به مقرري نه ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جناح پوسٽ ميڊيڪل سينٽر اسپتال جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر شاهد رسول جي جنازي نماز اسپتال جي مڪيه مسجد ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ سنڌ هائير ايجوڪيشن جي سربراهه پروفيسر طارق رفيع، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تاريخ جو سڀ کان وڏو اي-چالان، ڊمپر ڊرائيور تي هڪ لک رپيا ڏنڊ لاڳو

رزاق آباد ۾ حادثو ڪندڙ ڊمپر ۾ ٽريڪر نه لڳل هو ۽ نه ئي فٽنيس سرٽيفڪيٽ هو

ڊمپر مالڪ شيرزاد کي هڪ لک رپين جو چالان جاري ڪري حادثي جي ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڊمپر تي ٽريڪر نه هجڻ سبب لک رپين جو جرمانو لڳايو ويو آهي، رزاق آباد ۾ تيز رفتار ڊمپر جي ڪري حادثو پيش آيو ڊمپر ۾ ٽريڪر نه لڳل هو ۽ نه ئي ان جو فٽنيس سرٽيفڪيٽ هو ڊرائيونگ لائسنس پڻ ڪڍ مهينن لاءِ معطل ڪيو ويو آهي ڊمپر

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پ پ جو سينئر اڳواڻ اڳوڻو صوبائي وزير لعل بخش ڀٽو لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم بيماري سبب ڪراچي جي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو جتي هن دم ڏني حوالي ڪيو

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، صدر آصف زرداري، وڏي وزير ۽ ٻين پاران ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلزپارٽي جو سينئر اڳواڻ اڳوڻو صوبائي وزير لعل بخش ڀٽو مختصر بيماري بعد ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم ڪجهه ڏينهن کان علاج هيٺ هو ۽ ڪالهه صبح سندس حالت بگڙجڻ سبب هو خالق حقيقي سان وڃي مليو هو پارٽي جي ريسرچ اينڊ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ جي سينيئر اڳواڻ لال بخش ڀٽو جي جنازي نماز ۾ وڏو وزير ۽ ڪابينا جا ميمبر شريڪ آهن

پنوعاقل لڳ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا زخمي

ڪچي واري علائقي ۾ ٿيل جهيڙي ۾ حاجي مهر ۽ عبدالستار مهر زخمي ٿي پيا

زخمين کي تعلقي اسپتال داخل ڪرائي وارثن جو مخالف خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ڪچي واري علائقي رضا ڳوٺ ٿاڻي جي حد ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين جو پاڻ ۾ جهيڙو فائرنگ سبب گولي لڳڻ ڪري حاجي مهر ۽ عبدالستار مهر زخمي علاج لاءِ کين پنوعاقل تعلقه اسپتال آندو ويو سند مهر ۽ سالهو مهر واري ڌر ڳئون چوري ڪيون وڃن پيا جن فائرنگ ڪري اسانجي نوجوانن کي زخمي ڪيو آهي. وارث

راڌڻ لڳ معمولي ڳالهه تان آڳرا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 72 ڄڻا زخمي

ڳوٺ احمد خان آڳرو ۾ پاڻي جي ڳالهه ڌرين هڪٻئي تي لٺين جو وسڪارو ڪيو

زخمي واجد، افسار، گلشير، اڪبر انتظار علي گل ۽ خان کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

راڌڻ (ن ع) ڳوٺ احمد خان آڳرو ۾ پاڻي جي ڳالهه تي ٿوري تڪرار تان ڳالهه وڌي وئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ٻي ڌر جي ماڻهون رجب علي آڳرو جي ڌر تي اچي حملو ڪري ڏنو جنهن دوران لٺين جو به استعمال ٿيو نتيجي ۾ هڪ ڌر جو واجد علي آڳرو ۽ افسار آڳرو زخمي ٻي ڌر جي زخمين ۾ گلشير علي آڳرو علي اڪبر آڳرو انتظار آڳرو علي گل آڳرو ۽ خان

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

خيرپور لڳ معصوم نينگر پاڻي جي ڪڏي ۾ ڪري فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ شنباڻي ۾ 4 ورهين جو علي رضا پٽ نور محمد شنباڻي ٻڏي فوت ٿي ويو

اسپتال انتظاميا پاران ايمبولينس نه سبب وارث نينگر جو لاش موٽرسائيڪل تي گهر کڻائي ويا

خيرپور(ٻ ر) خيرپور لڳ ڳوٺ شنباڻي ۾ 4 ورهين جو ٻارڙو علي رضا پٽ نور محمد شنباڻي گهر اڳيان پاڻي جي ڪڏي ۾ راند ڪندي ڪري پيو ٻڏي فوت ٿي ويو آهي واقعي سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي. پاڻي جي ڪڏي ۾ ٻڏي فوت ٿيل معصوم نينگر علي رضا شنباڻي جو سول اسپتال خيرپور ۾ آندو ويو جتي انتظاميا پاران ايمبولنس نه ڏيڻ تي معصوم نينگر جي ڏکويل وارثن مجبور ٿي سندس مڙهه موٽر سائيڪل تي کڻي ويا.

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جو ڪيڊٽ ڪاليج وانا جو دورو فورسز جي ڪاڪردگي جي واکاڻ

سيڪيورٽي فورسز بهادري سان ڪيڊٽ ڪاليج تي حملو ناڪام بڻايو: وفاقي گهرو وزير

حڪومت هٿياربند فوج سان گڏ بيٺل رهندي ۽ علائقي ۾ تعليمي ادارن جي حفاظت کي يقيني بنائيندي

دهشتگردن جو انسانيت سان ڪو به تعلق ناهي، ڪو به مذهب ٻارن کي نشانو بنائڻ جي اجازت نه ٿو ڏئي

گهرو وزير کي حملي کي ناڪام بنائڻ ۽ سمورن شاگردن ۽ استادن کي بنا ڪنهن جاني نقصان جي ٻاهر ڪڍڻ بابت بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڪيڊٽ ڪاليج وانا جو دورو ڪيو جتي سيڪيورٽي فورسز تازو ئي دهشتگردن جي حملي کي ناڪام بنايو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سوئيڊن: اسٽاڪ هوم ۾ بس رستي ويندڙن مٿان چڙهي وئي، ڪيترائي فوت

اسٽاڪ هوم (اي پي پي) سوئيڊن جي گادي واري هنڌ اسٽاڪ هوم جي مرڪزي حصي ۾ هڪ بس اسٽاپ تي بيٺل ماڻهن مٿان چڙهي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جي صدارت ۾ فيڊرل بورڊ آف ريوينيو ۾ سڌارڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪراچي جي عورتن لاءِ خوشخبري، پنڪ بس سروس جي نئين روٽ جو اعلان

عبدالله چوڪ کان نمائش تائين نئون روٽ سياڻي کان فعال ٿيندو ٿي مخصوص وقت رکيا ويا

بس ۾ سيڪيورٽي، ٽريڪنگ سسٽم ۽ تربيت يافته عملو موجود هوندو سروس کي وڌيڪ علائقن تائين واڌايو ويندو

هي قدم عورتن کي روزاني سفر دوران پيش ايندڙ مشڪلاتن کي گهٽائڻ ۾ مدد ڏيندو: شرجيل ميمڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي جي عورتن لاءِ خوشخبري ڏيندي اعلان ڪيو آهي ته شهر ۾ پنڪ بس سروس جو نئون روٽ سياڻي 17 نومبر 2025 کان فعال ٿيندو هي روٽ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جو بس تي ڇاپو نان ڪسٽم شيون هٿ، 4 جوابدار گرفتار

حب ررو روڊ ماڙي پور وٽ چيڪنگ دوران مسافر بس مان نان ڪسٽم سگريٽ ۽ ٻيون شيون هٿ آيون

جوابدارن سيد حبيب الله، سيد نويد احمد، ثناءُ الله ۽ ولي جان کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) خفيه معلومات تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي حب ررو روڊ ماڙي پور وٽ اسنيپ چيڪنگ دوران مسافر بس مان 4 جوابدارن سيد حبيب الله ولد تاج ملوڪ سيد نويد احمد ولد سيد جميل احمد، ثناءُ الله ولد عبدالشڪور ۽ ولي جان ولد عبدالله کي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سکر ۾ وڪيلن جي ڪنوينشن تي رياستي سرپرستي ۾ حملو ڪيو ويو آهي: زين شاهه

وڪيلن جو پُرامن ڪنوينشن سنڌ آئيني جدوجهد ۽ تيزي سان منظر ٿيندڙ تحريڪ جو حصو آهي

زرداري مافيا سنڌ اندر انتشار، خانه جنگي ۽ جمهوري آواز دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ درياءِ سنڌ بچايو تحريڪ جي ڪنوينر سيد زين شاهه چيو آهي ته سکر ۾ 27هين آئيني ترميم خلاف وڪيل برادري جي پُرامن ڪنوينشن دوران سادن ڪپڙن ۾ ملبوس پيپلزپارٽي جي جيالن طرفان مبينا طور تي رياستي سرپرستي ۾ حملو ڪيو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران پ پ اڳواڻ لعل بخش ڀٽو جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ لعل بخش ڀٽو جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي گذريل ڏينهن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

گورنر پاران پ پ جي سينئر اڳواڻ لال بخش ڀٽو جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سينيٽر نديم ڀٽو جي والد ۽ پي پي پي جي سينئر اڳواڻ لال بخش ڀٽو جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اڳوڻي ايم اين اي قاضي اسد عابد ۽ پرويز انصاري پاران گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي: اڳوڻي ايم اين اي ۽ روزاني عبرت گروپ جي سربراهه قاضي اسد عابد پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي صوبائي وزير لعل بخش ڀٽو جي لاڏاڻي تي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مواصلات واري وفاقي وزير عليم خان کي اين ايڇ اي جي پنجاب ۽ بلوچستان جي منصوبن بابت بريفنگ ڏني پئي وڃي

ڪراچي ۾ اٺون سنڌ لٽريچر فيسٽيول شروع، سنڌ رواداري، امن ۽ محبت جي ڌرتي آهي: ناصر شاهه

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن ترقي ۽ خوشحالي آهي، سنڌ حڪومت شهر جي انفراسٽرڪچر کي ناهي پئي

ماڻهو موهن جي دڙي جي تهذيب تاريخ کي لتاڙي رهيا آهن، اهڙي سوچ کي تبديل ڪرڻو پوندو: مهتاب اڪبر راشدي

پارسي ڪراچي جي محافظن ما هڪ ڪميونٽي آهي اسان جو سنڌ سان جنم جنم جو رشتو آهي: تشنا پٽيل

ڪراچي(رپورٽ: جي ايم خاصخيلي/ راهب ڳاهو) ٻن ڏينهن وارو "اٺون سنڌ لٽريچر فيسٽيول" ڪراچي جي مقامي هوٽل ۾ شروع ٿي ويو آهي فيسٽيول جو افتتاح

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌي ادبي ميلي جي افتتاحي تقريب جو ڏيک

تعليم جي صورتحال ۽ ٻارن جي اسڪول تائين رسائي جي عنوان سان سيشن منعقد

ڪراچي: اٺين سنڌ لٽريچر فيسٽيول ۾

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پهريون ڀيرو ڊجيٽل تعليم جو آغاز ڪيو ويو آهي: گهنور خان لغاري

ڪراچي: سيشن ۾ ڳالهائيندي گهنور خان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سياست جي غير ضروري اثر تعليم کي شديد نقصان پهچايو آهي: قيصر بنگالي

ڪراچي: فيسٽيول جي سيشن ۾

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه ۽ صلاحڪار سرفراز راڄڙ سنڌ ادبي ميلي جو افتتاح ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ ڊيلٽا ۽ درياءَ جو ماڻهن سان تاريخي لاڳاپو آهي، ريگستان ۾ ڪينال ٺاهي نٿا سگهن: حسن عباس

ملڪ ۾ هر مسئلي جو حل پير ۾ ڳوليو وڃي ٿو انڊس ۾ پاڻي گهرڻ ته ڪوسٽل لائين محفوظ رهندي: نصير ميمڻ

اسان سڀ انڊس جا ٻار آهيون ۽ انڊس وادي جي سڃاڻپ سان ئي گڏجي اڳتي وڌي آهي: مسعود لوهار

ڪراچي: اٺين سنڌ لٽريچر فيسٽيول ۾ "سنڌو درياهه ڌرتي کي خطرا ۽ اسان جو مستقبل" عنوان هيٺ سيشن ۾ ڊاڪٽر حسن عباس ڳالهائيندي چيو ته 2025ع ۾ پاڻي گهٽ ٿيڻ بابت اڳڪٿيون درست نه

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

نوجوان ۽ سنڌ جي عورت مستقبل کي بدلائڻ جي صلاحيت رکن ٿا: مهتاب اڪبر

دانشورن جي ذميواري آهي ته هو نوجوان نسل کي فڪري انتشار مان ٻاهر ڪڍن: ناظر محمود

سنڌ ۾ اڄا تائين 80 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن جيڪو سنگين مسئلو آهي: شهاب اوستو

ڪراچي: اٺين سنڌ لٽريچر فيسٽيول جي سيشن "جديد دور جا چيلينجز ۽ دانشورن جون ذميواريون" تي دانشورن جي گفتگو ۾ مهتاب اڪبر راشدي چيو ته دنيا اڄ ڪان به خراب حالتون ڏسي چڪي آهي رومن امپائر جي دور ۾ به ماڻهن پنهنجو حق راءِ جو اظهار ڪيو هن چيو ته هڪ زماني ۾

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

بقايا | 1 | وفاقي حڪومت

اظهار هن ڳذريل ڏينهن هتي جوڊيشل ڪامپليڪس ۾ پي ٽي آءِ جي باني خلاف ٻڌڻي هيٺ هتڪ عزت ڪيس جي ڪارروائي ڪان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. عطاالله تارڙ چيو ته پي ٽي آءِ جي باني وزيراعظم محمد شهباز شريف تي ڪوڙو الزام لڳايو هو اڄ مان عدالت ۾ پيش ٿيس ۽ پي ٽي آءِ جي وڪيل جي سمورن سوالن جا جواب ڏنا. عطاالله تارڙ ٻڌايو ته وزيراعظم شهباز شريف پي ٽي آءِ جي باني خلاف هتڪ عزت جي دعويٰ داخل ڪئي هئي اها دعويٰ ان وقت ڪئي وئي جڏهن پي ٽي آءِ جو باني پاناما ڪيس واپس وٺڻ لاءِ شهباز شريف تي 10 ارب روپين جي آڇ جو بي بنياد الزام لڳايو سڄي سماءِ واري وفاقي وزير چيو ته اها ڪوڙي دعويٰ ۽ بي بنياد پروپيگنڊه ان وقت ملڪ جي سمورن وڏين اخبارن ۾ شايع ٿي، اليڪٽرانڪ ميڊيا تي پروگرام به ٿيا ۾ انهن جو حقيقت سان ڪو به تعلق نه هو هن زور ڀريو ته پي ٽي آءِ جي باني اهي الزام هر فورم تي ورجايا، جڏهن ته سندس پورو نظام ڪوڙ بهتان ۽ گمراهه ڪندڙ بيانن جو شڪار رهيو. عطاالله تارڙ چيو ته پي ٽي آءِ جي باني شهباز شريف خلاف الزام مختلف فورمز تي ورجايا ۽ اڄ دنيا جا مشهور مئگزين انهن الزامن کي ڪوڙ ۽ بهتان تي ٻڌل قرار ڏئي رهيا آهن 2017ع جي ڌرڻن دوران به پي ٽي آءِ جي باني بي بنياد ڳالهيون ڪيون هن چيو ته پي ٽي آءِ جي دور ۾ جيترا به اهم فيصلا ٿيا، اهي روحانيت تي ٻڌل سندس گهر بشريٰ بي بي جي سهڪار سان ڪيا ويا هئا، معاشي ۽ سياسي ٻنهي نوعيت جي فيصلن ۾ سندس گهر واري جو مرڪزي ڪردار هو سڄي سماءِ واري وزير چيو ته پرڏيهه ۾ رهندڙ هڪ شخص خلاف لنڊن جي عدالت به فيصلو ڏنو آهي جيڪو حقيقت جي وڌيڪ تصديق ڪري ٿو پرڏيهه ۾ ويهي سياست ڪندڙ شخص فوج تي الزام لڳائيندو رهي ٿو ملڪ جي مفادن خلاف پرڏيهه ۾ ويهي غلط بياني ۽ پروپيگنڊه ڪرڻ انتهائي نقصانده آهي. سڄي سماءِ واري وزير برطانوي رسالي "دي اڪانومسٽ" جو حوالو ڏيندي چيو ته ان رپورٽ ۾ واضح طور لکيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ جي باني جي گهر واري حڪومتي معاملن ۾ اثرانداز ٿيندي هئي، روحانيت جي بنياد تي فيصلا ڪيا ويندا هئا ۽ انهن تي عمل به ٿيندو هو هن مثال ڏيندي چيو ته پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار کي به اهڙن ٿي فيصلن تحت وڏ وزارت جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو پي ٽي آءِ جي باني جي دور ۾ پوري نظام کي ڪوڙ ۽ بهتان جي بنياد تي هلايو ويو دهشتگردي جي واقعن ۽ سيڪيورٽي ڪارروائين جي حوالي سان وفاقي وزير چيو ته وانا ڪيڊٽ ڪاليج ۾ 550 کان وڌيڪ شاگردن جون حياتيون بچايون ويون جيڪو پاڪ فوج جي بهادري جي علامت آهي فوج دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪري وڏي ڪارروائي ڪئي. هن اسلام آباد عدالت تي حملي حوالي سان چيو ته جاچ جاري آهي ۽ دهشتگرد هاڻي "سافٽ ٽارگٽس" ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن سڄي سماءِ واري وزير سريلنڪن هاءِ ڪميشن ۽ زمبابوي ڪرڪيٽ ٽيم جو ٿورو مڃيو ۽ زور ڀريو ته راند ۽ امن جون سرگرميون هر صورت جاري رهنديون آئيني ترميمن ۽ عدالتي سڌارن جي حوالي سان سوال تي عطاالله تارڙ چيو ته آئيني ترميمن ذريعي فيصلا ٿيندا آهن ۽ پارليامينٽ کي قانونسازي جو مڪمل اختيار حاصل آهي ججز جون سموريون مقرريون ميرٽ تي ٿينديون. هن چيو ته ملڪ ۾ آئيني نوعيت جا ڪيس ٻڌڻ لاءِ ڌار بئنچ يا عدالت قائم ٿيڻ سان عوام کي فائدو ٿيندو 27هين آئيني ترميم کي جلدي ۾ منظور ڪرڻ جو الزام صحيح ناهي ان تي ڪيترن ئي سالن کان ڳالهيون ٿي رهيون هيون پر عمل نه ٿي سگهيو هو هن چيو ته ڪوڙن بيانن ۽ پروپيگنڊه سان ملڪ کي نقصان پهچي رهيو آهي ۽ حڪومت حقيقتن جي بنياد تي اڳيان وڌي رهي آهي پي ٽي آءِ جو بيانيو ڪجهه پرڏيهي عنصرن خاص طور تي افغانستان جي پروپيگنڊه سان ملي ٿو جيڪو پاڪستان لاءِ خطرناڪ آهي

بقايا | 2 | رپورٽ شايع

عمران خان جي ٽين شادي نه رڳو سندس ذاتي زندگي بلڪ سندس حڪومتي فيصلن تي به گهرا سوال پيدا ڪيا آهن بشريٰ بي بي اهم سرڪاري مقررين ۽ روزمره جي حڪومتي معاملن ۾ اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي رهي جنهن سان فيصلن ۾ روحاني مشاورت جو پهلو نمايان ٿئي ٿو نتيجي ۾ عمران خان پنهنجي سڌارن واري ايجنڊا تي عمل ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيو

بقايا | 3 | ويهڻ جو اعلان

حڪومت برطانوي مئگزين دي اڪانومسٽ جي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي بابت [illegible]

بقايا | 4 | بشريٰ گهر (?)

[illegible]

بقايا | 5 | وفاقي گهرو وزير (?)

[illegible]

چيو ته اهي صرف دهشتگرد ناهن، اهي درندا آهن جن جو انسانيت سان ڪو به تعلق ناهي ڪو به مذهب ٻارن کي نشانو بنائڻ جي اجازت نه ٿو ڏئي ۽ اهي دهشتگردن ڪنهن به مذهب جي پيروي نه ٿا ڪن انهن کي انسان چوڻ انسانيت جي توهين آهي هن چيو ته حملي آورن جو ارادو آرمي پبلڪ اسڪول جهڙو سانحو دهرائڻ هو پر سيڪيورٽي فورسز جي فوري ۽ فيصلائتي ڪارروائي دهشتگردن کي ماري ڇڏيو ۽ انهن جي سازش کي ناڪام بنايو. محسن نقوي آپريشن ۾ شامل سمورن آفيسرن ۽ سپاهين کي "قومي هيرو" قرار ڏنو ۽ اعلان ڪيو ته ڪيڊٽ ڪاليج وانا جي جلد نئين سر تعمير ۽ بحالي يقيني بنائي ويندي

بقايا | 6 | ڪيترائي فوت

پرڏيهي ميڊيا موجب هڪ پوليس اهلڪار جو چوڻ هو ته واقعي ۾ فوتي ۽ زخمي شامل آهن سوشل ميڊيا تي واقعي واري هنڌ جي تصويرن ۾ پوليس، ايمبولينس ۽ ايمرجنسي گاڏين جو وڏو انگ نظر اچي رهيو آهي جڏهن ته ريسڪيو عملو ڊبل ڊيڪر بس هيٺان ڦاٿل ماڻهن جي مدد ڪندي نظر اچي رهيو آهي پوليس ترجمان ميڊيا کي ٻڌايو ته حادثي جو سبب اڃا تائين معلوم ناهي ٿي سگهيو هن ٻڌايو ته بس ڊرائيور کي گرفتار ڪيو ويو آهي سندس خلاف غير ارادي قتل جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا | 7 | ڪامياب تجربو

بي61-12 ٽيڪٽيڪل ٿرمونيوڪليئر بم جو بنا وارهيڊ جو ڪامياب تجربو ڪيو. بيان ۾ ٻڌايو ويو ته اهي تجربا 19 کان 21 آگسٽ تائين نيواڊا جي هڪ ٽيسٽ سائيٽ تي ڪيا ويا. تجربن دوران آمريڪي پنجين نسل جي ايف-35 ويڙهاڪ جهازن غير فعال وارهيڊ بمن کي ڪٽي وجي هدف تي ڪيرايو اهي سمورا تجربا نيشنل نيوڪليئر سيڪيورٽي ايڊمنسٽريشن جي سهڪار سان ڪيا ويا. بيان موجب نيشنل نيوڪليئر ايجنسي 2024ع جي آخر تائين انهن فضائي بمن جي سروس لائيف ۾ 20 سالن جي واڌ جي پروگرام کي مڪمل ڪري ورتو آهي

بقايا | 8 | ضياء لنجار

وڪيلن تي حملي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي سينيئر وڪيل ۽ اڳواڻ قربان ملانو سميت ٻين تي مبينا وڪيلن جي جماعت جو حملو افسوسناڪ آهي. وزير داخلا چيو ته وڪيلن جي برادري منهنجي پنهنجي برادري آهي ضياءالحسن لنجار زور ڏنو وزير داخلا سنڌ وڪيلن کي صلاح ڏني ته اهي پنهنجي برادري ۾ تڪرارن کان پاسو ڪن ۽ اتحاد برقرار رکن حڪومت وڪيلن جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي. ضياءالحسن لنجار چيو ته سکر جي واقعي جي مڪمل جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ ذميوارن جي سڃاڻپ ڪئي ويندي وزير داخلا سنڌ مطابق پرامن ماحول جي بحالي حڪومت جي اولين ترجيح آهي

بقايا | 9 | ڪيسي مان پريندا

گلاسز جهڙين خلاف ورزين جا اي چالان آفيسر پاڻ ادا ڪندا. سرڪاري کاتن کي مختلف ٽرئفڪ خلاف ورزين جا اي چالان موصول ٿي چڪا آهن. سنڌ پوليس جو TRACSسسٽم موٽر وهيڪل آرڊيننس 1965 تحت خودڪار طريقي سان اي چالان جاري ڪري رهيو آهي. سڀني کاتن کي حڪم نامي تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. اي چالان پاليسي تي عمل نه ڪندڙ آفيسرن خلاف ڪارروائي جو امڪان آهي

بقايا | 10 | سعديه جاويد

آهي. هن اهو اظهار تحصيل شجاع آباد جي يونين ڪائونسل مکڻ سمو جي ڳوٺ صحبت لغاري ۾ ڪميونٽي ورڪرز سان ملاقات ۽ ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ قرض جا چيڪ ورهائڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت سنڌ رورل سپورٽ پروگرام ذريعي غربت جي شرح گهٽائڻ ۾ هڪ وڏو ڪارنامو انجام ڏنو آهي سعديه جاويد چيو ته جڏهن سنڌ حڪومت هي پروگرام شروع ڪيو ته چيو ويو ته هي پروگرام ناڪام ٿيندو پر عورتن هن پروگرام کي ڪامياب بڻايو آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ جون مائرون ۽ ڀينرون ايماندار آهن سنڌ صوبي جو هي پروگرام پاڪستان ۾ واحد منصوبو آهي جنهن جو ڪٿي به ڪو مثال ناهي جو ته هن تنظيم جون مالڪ پاڻ عورتون آهن جيڪي مڪمل طور تي بااختيار آهن ان کان اڳ، ميئر عبدالرؤف غوري چيو ته غربت گهٽائڻ لاءِ هي سنڌ حڪومت جو هڪ انقلابي قدم آهي جيڪو ڪمزور طبقن کي مدد فراهم ڪندي مضبوط ۽ مستحڪم بڻائڻ آهي سنڌ رورل سپورٽ پروگرام جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد دتل ڪلهوڙو چيو ته سنڌ حڪومت سرسو ذريعي سڄي سنڌ [illegible]

بقايا | 11 | [illegible]

[illegible]

بقايا | 12 | ڏنڊ لاڳو

[illegible]

ڪرڻي پوندي پوليس جو چوڻ آهي ته شاهه لطيف ٽائون پوليس ٿاڻي ۾ سرڪاري فرياد ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڊمپر مالڪ، ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر کي نامزد ڪيو ويو آهي حادثي ۾ رڪشا ڊرائيور فوت ٿي ويو ٻارن سميت 9 ماڻهو زخمي ٿي پيا، پوليس ڊمپر مالڪ ۽ ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا | 13 | لاڏاڻو ڪري ويو

ڪوآرڊينيشن سيل (RCC) جو انچارج به رهيو هو صدر پاڪستان ۽ پيپلزپارٽي جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري سندس وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته لعل بخش ڀٽو جي وفاداري، سياسي جدوجهد ۽ جمهوريت لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم کي پارٽي جو "باوفا، بي پاڪ ۽ عوام دوست اڳواڻ" قرار ڏنو وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ لعل بخش ڀٽو جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته لعل بخش ڀٽو هڪ بهترين انسان ۽ پارٽي جو سچو ڪارڪن هو وڏي وزير جو مرحوم جي بلند درجي ۽ سندس گهر ڀاتين جي صبر جميل جي دعا ڪئي آهي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيد قائم علي شاهه، نثار احمد کهڙو، منظور حسين وسان، سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه، سينيٽر شيري رحمان، سيد ناصر حسين شاهه، سعيد غني، وقار مهدي، علي حسن زرداري، محمد علي ملڪاڻي، سعديا جاويد، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، سلمان عبدالله مراد بلوچ، نظر محمد ڳاهو ۽ ٻين اڳواڻن چيو آهي ته لعل بخش ڀٽو جو لاڏاڻو نه رڳو پارٽي پر سنڌ جي سياست لاءِ وڏو نقصان آهي. چيو ته هو اصولن، تنظيم سازي ۽ پاليسي سازي ۾ نمايان حيثيت رکندڙ هو. لعل بخش ڀٽو پنهنجي سياسي ڪيريئر دوران سنڌ اسيمبلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ترقياتي منصوبن، تعليم، صحت ۽ عوامي سهولتن لاءِ سرگرم رهيو سندس اصول پسندي ۽ پارٽي سان وفاداري کي وڏي عزت سان ياد ڪيو وڃي ٿو مرحوم جي پوين سندس صاحبزادو سينيٽر نديم ڀٽو ۽ ٻيا گهروارا سوڳوار آهن. پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ مرحوم لعل بخش ڀٽو جي جنازي نماز جامعا بنوريا سائٽ ايريا ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي، جنازي نماز ۾ وزير اعليٰ سنڌ، صوبائي وزيرن صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن پيپلز پارٽي جي اڳواڻن سميت مختلف سياسي سماجي اڳواڻن اديب، شاعرن دانشورن سندس مڃن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا | 14 | روٽ جو اعلان

عبدالله چوڪ کان نمائش تائين هوندو ۽ شروعات ۾ عورتن لاءِ ٻي مخصوص وقت رکيا ويا آهن جن ۾ صبح 8 کان 9 وڳي، ڏينهن جو 1 کان 2 وڳي ۽ شام 5 کان 7 وڳي سفر جي سهولت دستياب هوندي هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هي سروس مڪمل طور تي عورتن لاءِ مخصوص آهي جنهن ۾ آرام، تحفظ ۽ بهتر انتظام کي ترجيح ڏني وئي آهي هن چيو ته ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ عورتن کي روزاني سفر دوران ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ هي قدم انهن جي بوجهه کي گهٽائڻ ۾ مدد ڏيندو هن وڌيڪ چيو ته حڪومت سنڌ جو مقصد آهي ته عورتون پنهنجي تعليم ملازمت ۽ ذاتي معاملا اعتماد سان انجام ڏئي سگهن بس ۾ سيڪيورٽي ٽريڪنگ سسٽم ۽ تربيت يافته عملي موجود هوندو جڏهن ته مستقبل ۾ هن سروس کي وڌيڪ علائقن تائين وڌائڻ جو به ارادو آهي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته هي فيصلو عورتن لاءِ وڌيڪ محفوظ شهري ماحول جي طرف هڪ اهم قدم آهي ۽ سنڌ حڪومت ايندڙ وقت ۾ پڻ انهن لاءِ سهولتون وڌائڻ جا عملي قدم جاري رکندي

بقايا | 15 | جوابدار گرفتار

گرفتار ڪيو جڏهن ته بس جي خفيه خانن مان 47,680 عدد نان ڪسٽم پيڊ سگريٽن جا پيڪٽ، 4 موبائل فونز ۽ نقد رقم به هٿ آئي گرفتار جوابدارن نان ڪسٽم پيڊ شيون مسافر بس جي خفيه خانن ۾ لڪائي بلوچستان هزار گنجي بس اسٽينڊ کان ڪراچي يوسف گوٺ بس اسٽينڊ تائين آڻيندا هئا. جوابدارن اعتراف ڪيو ته بس مالڪن بسن ۾ خاص خفيه خانا ٺهرائي رکيا آهن جيڪي نان ڪسٽم پيڊ شيون اسمگل ڪرڻ لاءِ استعمال ٿين ٿا. ملزم ولي جان يوسف گوٺ بس ٽرمينل تي منشي آهي جيڪو گاڏين ۾ خفيه خانا ٺهرائڻ ۽ انهن جي سنڀال واري ڪم جو ذميوار آهي؛ ملزم ثناءالله بلوچستان مان شيون ڪليئر ڪرائڻ ۽ حب سٽي ۾ موجود [illegible]

بقايا | 16 | زين شاهه (?)

[illegible]

بقايا | 17 | لاڏاڻي تي افسوس

[illegible]

جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هن چيو ته مرحوم لعل بخش ڀٽو پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان جمهوري ادارن جي استحڪام ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو صدر آصف علي زرداري مرحوم اڳواڻ جي ڪٽنب سان دلي تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته لعل بخش ڀٽو جو لاڏاڻو پارٽي نه پر پوري قوم لاءِ نقصان آهي. صدر دعا ڪئي ته مرحوم جي مغفرت ۽ ڏکويل ڪٽنب جي صبر لاءِ دعا پڻ ڪئي

بقايا | 18 | ڏک جو اظهار

ڪندي مرحوم جي ايصال ثواب، درجات جي بلندي ۽ سندس خاندان لاءِ صبر جي دعا ڪئي

بقايا | 19 | افسوس جو اظهار

گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مرحوم پيپلز پارٽي جو سچو ڪارڪن هو ۽ سندس پارٽي جي لاءِ ڪيل خدمتون هميشا ياد رکيون وينديون هن چيو ته مرحوم کي رب پاڪ جنت الفردوس ۾ جاءِ عطاءِ ڪندو ۽ سندس پوئين کي صبر جي توفيق ڏيندو

بقايا | 20 | ناصر شاهه

سنڌ جي بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪيو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ رواداري، درگذر سهپ، صبر امن ۽ محبت جي ڌرتي آهي هيءَ سرزمين شاهه عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست ۽ ٻين صوفين جي زمين آهي هن چيو ته هاڻ سنڌي ٻولي گوگل تي ۾ موجود آهي ۽ ان جو ترجمو آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو وژن ترقي ۽ خوشحالي آهي سنڌ حڪومت ڪراچي جي انفراسٽرڪچر کي مڪمل طور تي ٺاهي رهي آهي ڪراچي اسان جو دل آهي ۽ اسين هر گهٽي هر محلي جو انفراسٽرڪچر ٺاهي رهيا آهيون اسين ماڻهن جي تڪليفن کي سمجهون ٿا ۽ ان تي معذرت به ٿا ڪريون هن چيو ته هن فيسٽيول ۾ شرڪت پاڻ لاءِ اعزاز سمجهان ٿو ۽ ڪامياب ميلو منعقد ڪرڻ تي فيسٽيول جي ٽيم کي مبارڪون پيش ڪريان ٿو هن چيو ته ڪراچي کي پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ضرورت آهي ٽرانسپورٽ وزير ان سلسلي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ۽ دانشور مهتاب اڪبر راشدي چيو ته انسان جي تخليق رڳو جسم ناهي پر ان جي تخليقي احساس به آهي، اسان جيستائين پنهنجون نياڻيون يا ٻار نه پڙهائينداسين تيستائين اسان جو معاشرو نه سڌرندو هي ميلا اظهار جو بهترين فورم آهن پوءِ اهو اظهار موسيقي شاعري ۽ ادب قلم ۽ ڊرامي ذريعي به ٿي سگهي ٿو شاهه سائين سچل شيخ اياز ۽ بخاري اوهان جي جذبن جي عڪاسي ڪن ٿا، اسان کي پنهنجي ثقافت تاريخ کي محفوظ ڪرڻو پوندو اسان جا ماڻهو موهن جي دڙي جي تهذيب تاريخ کي لتاڙي رهيا آهن تنهن ڪري اهڙي سوچ کي تبديل ڪرڻو پوندو هي فيسٽيول ماڻهن کي ويجهو آڻڻ ۾ مک ڪردار ادا ڪن ٿا. تشنا پٽيل چيو ته پارسي ڪراچي جي محافظن ما هڪ ڪميونٽي آهي اسان جو سنڌ سان جنم جنم جو رشتو آهي پارسين جو ڪراچي ۾ تعليم ۽ صحت ۽ عورتن لاءِ وڏو ڪم ٿيل آهي پارسين جي ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ بلاول ڀٽو ۽ بختاور پيدا ٿيا، ڪراچي جي اڳوڻي ايڊمنسٽريٽر فهيم زمان چيو ته شاهه سائين سچل شيخ اياز رسول بخش پليجو جي ايم سيد کان وٺي اڄ تائين سنڌي ادب ۾ مزاحمت رهي آهي مزاحمتي ادب تاريخ ۾ هميشهه زنده رهندو آهي هتان جي ماڻهن خلاف اصل ڌاڙو 26 ۽ 27 ترميم ناهي پر اصل ڌاڙو انهن جو معاشي استحصال آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ايم ڊي گنهور خان لغاري چيو ته ادب ۽ تعليم جو گهرو تعلق آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا سنڌ ۾ ڪي هزار کان وڌيڪ اسڪول هلي رهيا آهن ۽ سنڌ واحد صوبو آهي جنهن ڊجيٽل تعليم جي شروعات ڪئي آهي. پهرين ٽرانسجينڊر ڊاڪٽر سارا گل چيو ته سنڌ واحد صوبو آهي جنهن ٽرانسجينڊر لاءِ قانون سازي ڪئي. سنڌ جي ثقافت ڪانسواءِ پاڪستان مڪمل ناهي وزيراعلي جي معاون خصوصي سرفراز راجڙ چيو تهن قسم جا فيسٽيول ادب ڪلچر ۽ تاريخ ۽ علم جي واڌاري ۾ مک ڪردار ادا ڪن ٿا SLF جي ٽيم کي مبارڪون ڏيان ٿو افتتاحي تقريب کي فيسٽيول جي پروڊيوسر نصير گوپانگ زوهيب ڪاڪا ۽ سجاد سهاڳ به خطاب ڪيو

بقايا | 21 | سيشن منعقد

"تعليم جي صورتحال ۽ ٻارن جي اسڪول تائين رسائي" عنوان سان ٿيل سيشن ۾ ماهرن تعليم جي ڍانچي پاليسين ۽ اصل مسئلن بابت اهم خيالن جو اظهار ڪيو. سيشن ۾ گهنور خان لغاري، نصير ميمڻ، قيصر بنگالي، شهناز وزير علي ۽ ليلا رام [illegible]

بقايا | 22 | گهنور خان لغاري

[illegible]

بقايا | 23 | قيصر بنگالي

[illegible]

ته تعليم کي سياسي ترجيح بڻائڻ نصاب ۾ سڌارا اسڪولن جي ڪارڪردگي آبادي جي واڌ ۽ ادارن جي جوابدهي کي يقيني بڻائڻ بنا سڄي نظام ۾ بهتري ممڪن ناهي

بقايا | 24 | حسن عباس

هيون سون تڏهن به چيو هو ته پاڻي گهٽ نه ٿيندو هن چيو ته مودي پاران سنڌ طاس معاهدو ختم ڪرڻ جو اعلان به عملي طور ناممڪن هو هن چيو ته 6 ڪينالن جي معاملي ۾ به اسان جو موقف واضح آهي ته ريگستان ۾ ڪينال نٿا ٺهي سگهن هن چيو ته پنجاب ۾ درياهن جي وسارڻي ڪينالن جو نظام وڌايو ويو جڏهن ته سنڌ ۾ ڊيلٽا ۽ درياءَ جو ماڻهن سان تاريخي لاڳاپو آهي. هن چيو ته پاڪستان جا درياءَ دنيا جي سڀني درياهن کان مختلف آهن ۽ درياهن جا مقامي رهواسي صحيح ڄاڻ رکن ٿا، ماحولياتي ماهر نصير ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته دنيا جا تقريبن سڀ خطرا اسان ڏانهن رخ ڪندا آهن هن چيو ته پاڪستان ۾ هر مسئلي جو حل ڊيم ۾ ڳوليو وڃي ٿو جڏهن ته نه پاڻي بچيل آهي ۽ نه ئي آباديءَ کي منظم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي موجود آهي هن چيو ته 1945ع ۾ ايندڙ سونامي ۾ ڪراچي ۾ هزارين ماڻهو فوت ٿيا هئا، تنهن ڪري شهر اڄ به وڏن خطري هيٺ آهي نصير ميمڻ چيو ته انڊس ۾ پاڻي هوندو ته ئي ڪوسٽل لائين محفوظ رهندي، ٻي صورت ۾ خطرا وڌندا رهندا ماحولياتي ماهر مسعود لوهار چيو ته ڪراچي مان روزانو 70 ڪروڙ گيلن ان ٽريٽيڊ پاڻي سمنڊ ۾ خارج ٿي رهيو آهي جيڪو ماحولياتي تباهيءَ جو وڏو سبب آهي هن چيو ته درياهن جو اصل ڪيس سنڌ نه پر پنجاب جو آهي، جنهن کي سمجهڻ کيي هن چيو ته اسان سڀ انڊس جا ٻار آهيون ۽ انڊس واديءَ جي سڃاڻپ سان ئي گڏجي اڳتي وڌڻو آهي مسعود لوهار مودي کي چيلنج ڪندي چيو ته هو ايندڙ ڪن سالن ۾ پاڻي بند ڪري ڏيکاري. سيشن ۾ شرڪت ڪندڙن درياهن جي تحفظ، ڪلائيميٽ چينج، پاڻي جي ورڇ ۽ ڪراچي سميت سڄي سنڌ لاءِ مستقبل جي خطري تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو سيشن جي ميزباني صحافي عافيا سلام ڪئي

بقايا | 25 | مهتاب اڪبر

سنڌي مئگزين تي پابنديون هيون پر ماڻهو تڏهن به پنهنجي ڳالهه کُلي ڪري پيش ڪندا هئا. مهتاب راشدي چيو ته "حالتون بدلجڻ ۾ دير نه لڳندي، منهنجو يقين آهي ته نوجوان ۽ سنڌ جي عورت مستقبل کي بدلائڻ جي صلاحيت رکن ٿا." هن چيو ته سنڌي عورت اڄ هر شعبي ۾ سرگرم آهي ۽ نوجوانن سان گڏ هي ٿئون طبقو هاڻي ڪنهن کي خاموش رهڻ نه ڏيندو. "مايوس ٿيڻ جي گنجائش ناهي، مستقبل ڏانهن ڏسڻ گهرجي،" ناظر محمود پنهنجي خطاب ۾ چيو ته نوجوانن لاءِ ضروري آهي ته انهن جو مونجهارو ختم ٿئي ۽ اها ذميواري دانشورن تي عائد ٿئي ٿي ته هو نوجوان نسل کي فڪري انتشار مان ٻاهر ڪڍن هن چيو ته روشن خيال ۽ باشعور سماج لاءِ نوجوانن جي رهنمائي بنيادي اهميت رکي ٿي سيشن دوران شهاب اوسٽو چيو ته ملڪ جي موجوده سياسي قيادت مان عوام مڪمل مايوس آهي ڪو به واضح اميدوار نظر نٿو اچي هن چيو ته روايتي تبديلي آڻيندڙ اڳواڻ هاڻي اڻ لاڳاپيل ٿي چڪا آهن. جڏهن ته سماج ۾ مزاحمت موجود آهي پر ان جي اڳواڻي گهٽ آهي. هن نشاندهي ڪئي ته سنڌ ۾ اڃا تائين 80 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن، جيڪو سنگين مسئلو آهي سندس خيال ۾ ماڻهن ۾ شعور وڌي رهيو آهي ۽ هو پنهنجي حقن لاءِ پاڻ وڙهڻ شروع ڪري چڪا آهن عابد مير چيو ته پنجاب جا دانشور حڪمرانن ۾ منصور حلاج جا نقش ڏسڻ لڳا آهن جڏهن ته سنڌ جا ڪيترائي دانشور بلاول ڀٽو ۾ سڀ اميدون ڳولين ٿا. اصل سوال هي آهي ته دانشور پاڻ ڪهڙي پوزيشن تي بيٺو آهي

بقايا | 26 | 72ڄڻا زخمي

آڳرو شامل هئا هن سلسلي ۾ متاثرن طرفان احتجاج ڪيو ويو واقعي ڪانيوءَ عبدالرشيد آڳرو پٽ رجب علي آڳرو ۽ واحد علي آڳرو ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ٻي ڌر جي ماڻهو گلشير آڳرو اسان جي عورتن کي اگهو ڊيڪاريندو رهيو جڏهن ته ٻين ماڻهن به سرون ۽ ڪهاڙيون هٿ شروع ڪري ڏنيون احتجاج ڪندڙن انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ۽ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا | 27 | 5ڄڻا فوت

ريون ۽ امدادي سرگرميون شروع ڪندي تباهه ٿيل عمارت مان 6 ڄڻن جا لاش ۽ ٻارنهن زخمي ماڻهن کي ٻاهر ڪڍي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين ۾ چار ڄڻن جي حالت انتهائي نازڪ ٻڌائي پئي وڃي ڌماڪي کان پوءِ پوليس ۽ رينجرز جي وڏي انگ ۾ ڪيمن پهچي علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو عمارت کي لڳل باهه وسائڻ لاءِ فائربرگيڊ گاڏيون پهچي وڏي ڪوشش بعد ضابطو آندو پوليس جي آفيسرن ۽ ڊي سي حيدرآباد پڻ پهچي واقعي واري هنڌ جو جائزو وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ڦٽاڪن جي فيڪٽري کي باهه ۽ ڌماڪن بابت علائقي واسين جو چوڻ آهي ته فيڪٽري پوليس جي سرپرستي ۾ غير قانوني طور هلندڙ هئي ان فيڪٽري بابت ڪيترين ئي شڪايتن ڪيون ويون

۾ ڪنهن به نوٽيس نه ورتو جنهن سبب واقعو پيش آيو آهي جڏهن ته ڊي سي حيدرآباد زين العابدين ميمڻ ميڊيا کي ٻڌايو ته فيڪٽري ڳجهه ڳوٺ ۾ هلندڙ هئي ان جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني هئي، واقعي جي جاچ ڪيون پيا ملوث ماڻهن کي سزا ڏني ويندي، مليل معلومات موجب فيڪٽري ۾ 30 ملازم ڪم ڪندا هئا ۽ ڪابه سيفٽي ٿيل نه هئي. آخري اطلاعن تائين پوليس موجب واقعي جو ڪيس داخل ناهي ڪيو ويو جڏهن ته فيڪٽري جو مالڪ فرار ٿي ويو آهي ٻئي طرف سنڌ جي وڏي وزير حيدرآباد فيڪٽري ڌماڪي جو نوٽيس وٺندي زخمي مزدورن کي فوري ۽ بهترين طبي امداد ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي. ترجمان موجب، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار واقعي جي فوري رپورٽ طلب ڪندي حيدرآباد جي ڪمشنر ۽ ڊي سي کان فوري طور تي جاچ رپورٽ طلب ڪئي ۽ فيڪٽري ۾ حفاظتي انتظامن جو مڪمل آڊٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڌماڪي جي ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ مزدورن جي تحفظ ۾ غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا | 28 | منظوري ڏئي ڇڏي

(ترميمي) بل 2025ع، پاڪستان ايئرفورس (ترميمي) بل 2025ع ۽ پاڪستان نيوي (ترميمي) بل 2025ع جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي اها ڳالهه گذريل ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري پڌرائي ۾ چئي وئي

بقايا | 29 | اعلان ڪري ڇڏيو

جاري رهڻ جو امڪان آهي هلندڙ سال 24.5 سيڪڙو منافعي سان ايشيا ۾ پهرين نمبر تي رهيو بلومبرگ موجب پاڪستان گذريل 2 سالن جي پيٽ ۾ هاڻي عالمي قرض مارڪيٽ ۾ واپسي لاءِ تيار آهي پاڪستان جو هلندڙ سال يو آن بانڊز ۽ 2026ع ۾ يورو بانڊ مارڪيٽ ۾ واپسي جو منصوبو پڻ تيار آهي، پاڪستاني ڊالر بانڊز جي عالمي مارڪيٽ ۾ واپسي سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ اضافو ڪيو آهي عالمي معاشي ماهرن موجب ايندڙ 6 کان 12 مهينن وچ ۾ عالمي ريٽنگ ۾ بهتري ۽ عالمي مارڪيٽ تائين پهچ پاڪستان جي معاشي بحالي جي سرگرمين ۾ شامل آهي

بقايا | 30 | مبارڪون

البوسيدي سان ٽيليفون تي ڳالهائيندي پاڻ ملڪ جي قومي ڏينهن کان اڳ شاندار مبارڪ پيش ڪئي چنچر ڏينهن پرڏيهي آفيس مان جاري بيان مطابق نائب وزيراعظم پاڪستان ۽ اومان جي پرڏيهي وزير، لاڳاپن کي سراهيو ٻنهي ڌرين 8هين گڏيل وزارتي ڪميشن جي اجلاس کي جلد کان جلد گڏيل طور تي آسان تاريخ تي ٻيهر شيڊيول ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ۽ اڳتي جي اعليٰ سطحي ٻه طرفن مصروفيتن تي ڳالهيون ڪيون

بقايا | 31 | فون تي رابطو

عبدلطي سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن پاڪستان ۾ هاڻوڪي دهشتگردي جي حملن ۾ قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ تي تعزيت جو اظهار ڪيو. پرڏيهي آفيس مان جاري بيان موجب هن وچ اوڀر سميت علائقائي اڳيرائي ۽ غزه لاءِ امن جي ڪوشش تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. مسلسل اعليٰ سطح جي مصروفيتن جي اهميت تي زور ڀريندي مصري پرڏيهي وزير جلد کان جلد پاڪستان جي دوري جي خواهش جو اظهار ڪيو

بقايا | 32 | اتفاق

عبدالله بيو جيڪو پاڪستان جي سرڪاري دوري تي آهي، وزيراعظم هائوس پهتو جتي کيس هٿياربند فوج جي هڪ دستي پاران گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو. وزيراعظم شهباز شريف سندس استقبال ڪيو ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ اقتصادي، واپار سيڙپڪاري، صحت سائنس ۽ ٽيڪنالاجي تعليم ۽ دفاعي شعبن ۾ تعاون جي موقعن کي ڳولڻ جي ضرورت تي زور ڏنو اڳواڻن پاڪستان ۽ اردن جي وچ ۾ اسٽريٽجڪ ۽ اقتصادي لاڳاپن کي وڌائڻ ۽ علائقائي ۽ بين الاقوامي فورمن تي باهمي طور تي فائديمند تعاون کي وڌائڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو وزيراعظم شاهه عبدالله بيو بن الحسين جي پاڪستان جي دوري جو استقبال ڪيو ۽ ان کي پاڪستان ۽ اردن جي وچ ۾ پائيدار دوستي جي ثبوت طور اجاگر ڪيو اردن جي بادشاهه غزه ۾ اردن جي ڪردار جي حمايت ڪرڻ تي پاڪستان جو شڪريو ادا ڪيو بادشاهه عبدالله بيو غزه تڪرار ۾ اردن جي ڪردار جي مسلسل حمايت ۽ جنگ کان پوءِ استحڪام ۽ غزه ۾ انساني ڪوشش جي لاءِ پاڪستان جي مسلسل حمايت جي تعريف ڪئي ملاقات ۾ علائقائي سلامتي امن جي قدمن تي به تفصيل سان بحث ڪيو ويو فلسطين جي مسئلي تي ٻنهي اڳواڻن جنگ کان پوءِ غزه تي پاڪستان ۽ اردن جي اصولي موقف کي تسليم ڪيو جنهن ۾ غزه مان فلسطينين جي ڪنهن به بي گهر ٿيڻ تي ڪنهن به سمجهوتي کان پاسو ڪرڻ شامل آهي. ٻنهي اڳواڻن شرم الشيخ ۾ دستخط ٿيل غزه امن معاهدي جي جواب ۾ غزه جنگ بندي تي آمريڪا سان گڏ ڪم ڪندڙ اٺ عرب ۽ اسلامي ملڪن سان رابطي کي وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو وزيراعظم اردن جي بادشاهه عبدالله دوم کي پاڪستان جي پاڙيسري، خاص طور تي افغانستان ۽ هندستان ۾ تازين ترقيات بابت پڻ آگاهه ڪيو. اردن جي بادشاهه عبدالله دوم خطي ۾ امن ۽ استحڪام برقرار رکڻ ۾ پاڪستان جي اهم ڪردار کي تسليم ڪيو شاهه عبدالله دوم پاڪستان جي پنهنجي دوري دوران گرمجوشي سان مهمان نوازي ڪرڻ تي پاڪستاني عوام ۽ حڪومت جو شڪريو ادا ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار، آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير اطلاعات ۽ نشريات جو وزير عطاءالله تارڙ موسمياتي تبديلي جو وفاقي وزير مصدق ملڪ ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ ملاقات ۾ موجود هئا

بقايا | 33 | دعويٰ

حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا، جن جي سڃاڻپ محمد سمير ۽ زاهد طور ڪئي وئي آهي پوليس مطابق جوابدارن شهرين کان ڦرلٽ ڪري فرار ٿي رهيا هئا پوليس کي جوابدارن وٽان 2 پسٽل گولين سميت هڪ 125 موٽر سائيڪل روڪ رقم هٿ آئي پوليس زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ ملندڙ موٽر سائيڪل جو رڪارڊ AVLC حڪام کان چڪاس ڪيو پيو وڃي ۽ جوابدارن جو پراڻو ڪرمنل رڪارڊ پڻ پرکيو پيو وڃي اسٽيل ٽائون پوليس موجب واقعي بابت قانوني ڪارروائي ضابطي مطابق جاري آهي.

بقايا | 34 | مسافر زخمي

علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ ٽريفڪ ڪيترا ڪلاڪ جام رهيو جڏهن ته واقعي واري هنڌ تي شهرين جو وڏو انگ گڏ ٿي ويو زخمين کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي انهن جو علاج جاري آهي

بقايا | 35 | 5 ڄڻا فوت

پاڻي سڙي فوت ٿي ويا، جن ۾ 2 عورتون ۽ 2 ٻار شامل آهن جڏهن 4 ڄڻا سڙڻ سبب زخمي ٿي پيا جن کي مقامي سرڪاري اسپتال ۾ منتقل ڪيو ويو آهي مقامي پوليس مطابق اهو واقعو صبح جو پيش آيو جڏهن سمورا متاثر ستل هئا. پوليس ٻڌايو ته باهه شارٽ سرڪٽ سبب لڳي ۽ سڄي کي گهر کي پنهنجي ليپيٽ ۾ وٺي ورتو

بقايا | 36 | احتجاج

عذرا پيچوهو آئي جي سنڌ پوليس غلام نبي ميمڻ کان مطالبو ڪيو ته چار مهينا اڳ جولائي تي رات جو پٽ شاهه پي پي آئي ايڇ اسپتال ۾ ڊاڪٽر سوپ شيخ ۽ دائي مرڪ ميمڻ جي مسلسل غفلت ڪري سندس فوت ٿيل زال ثناء ۽ ان جي پيٽ ۾ موجود ٻار جي موت جو ڪيس ملوث ڄاڻايل ڊاڪٽرياڻي ۽ دائي معان قتل جو ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ ان ڪيس جي جاچ ڪندڙ ڊي ايس پي هالا يعقوب ٻرڙو ۽ پي پي ايڇ آئي اسپتال جي ڊاڪٽرياڻي صائمه جي جاچ پڌري ڪئي وڃي سهيل ڪاڪا ٻڌايو ته هو 19 جولائي 2025 تي منجهند جو پنهنجي زال کي ويم جي سور ڪري پي پي ايڇ آئي اسپتال پٽ شاهه کڻي ويو جنهن کي بار بار نظرانداز ڪري رات جو هڪ وڳي بعد منتقل ڪرڻ بعد ڊاڪٽرياڻي سوپ شيخ اهو ڪيس دائي مرڪ ميمڻ حوالي ڪري وري موبائيل فون تي مصروف ٿي وئي ۽ هن جي زال تڙپي تڙپي پيٽ ۾ موجود ٻار سميت فوت ٿي، جنهن جو لاش ڏٺي سول اسپتال حيدرآباد موڪليو ويو جتي ڊاڪٽرن ٻڌايو ته ثناء پنهنجي ٻار سوڌو ٻه ڪلاڪ اول ئي فوت ٿي چڪي آهي هن چيو ته هو 7 سو روپيا ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ مزدور آهي ۽ هر روز اسپتال پوليس ٿاڻي جا چڪر ڏئي ٿڪجي مجبور ٿي ڪراچي آچي پنهنجو احتجاج ان اميد تي ڪيو آهي ته شايد سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صحت جي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو سنڌ پوليس جو سربراهه غلام نبي ميمڻ پي پي ايڇ آئي اسپتال سنڌ جو سربراهه جاويد جاگيراڻي منهنجي ڌاڙهن جو فوري نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪندا

بقايا | 37 | گولين هڻي قتل

قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته وارثن پاران اطلاع ملڻ تي پوليس کي ڏنو ويو جنهن بعد لاش کي لاڙڪاڻي شهر جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ٻئي طرف رحمت پور ٿاڻي جي پوليس وارثن جي فرياد تي مقتوله جي قتل ڪيس ۾ ساجد ڪلهوڙو کي تحويل ۾ وٺي لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي عورت جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو وڌيڪ پوليس پاران واقعي متعلق جاچ جاري آهي. ياد رهي ته مقتول عورت انيلا پيرزادو هڪ سال اڳ امتياز علي پيرزادو کان طلاق وٺي ڇڏي هئي ۽ هوءَ پنهنجي والد امداد علي گهانگهرو جي گهر ۾ رهائش پذير هئي.

بقايا | 38 | ملاقات

ملاقات دوران فيصل ممتاز راٺور پارٽي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ وزيراعظم آزاد ڪشمير لاءِ پنهنجي نامزدگي تي صدر آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر جو شڪريو ادا ڪيو فريال ٽالپر سان ملاقات ۾ فيصل ممتاز راٺور قائد عوام ڀٽو شهيد ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ڪشمير ڪاز جي ويزن کي اڳتي وڌائڻ جو عزم ڪيو ملاقات دوران فريال ٽالپر فيصل ممتاز راٺور کي آزاد ڪشمير جي عوام خاص ڪري نوجوانن جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ جامع منصوبا جوڙڻ جون هدايتون ڏنيون

بقايا | 39 | ۾ 20 ڄڻا فوت

ڄڻا فوت ۽ 34 زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب سومر کان شروع ٿيل قبائلي چڪرين رڏاع شهر ويجهو بني زيادگان ۾ علي سعيد ۽ الجوابره خاندانن وچ ۾ اڃا به جاري آهن ذريعن وضاحت ڪئي آهي ته چڪرين جن ۾ رحولا ۽ ڳرا هٿيار استعمال ڪيا پيا وڃن ٻن خاندانن وچ ۾ پراڻي تڪرار سبب ٻيهر شروع ٿيون آهن ۽ قبائلي ٿياڪڙي جي ڪوشش باوجود وقفي وقفي سان ٿي رهيون آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته انهن چڪرين سبب ڪيترائي خاندان بي گهر ٿي ويا آهن

بقايا | 40 | اهلڪار فوت.

گادي واري شهر سرينگر ۾ واقع نوگام ٿاڻي ۾ ٿيل هڪ پراسرار ڌماڪي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 9 پوليس اهلڪار مارجي ويا جڏهن ته 30 ٻيا زخمي ٿي پيا. ڪشمير ميڊيا سروس موجب ڌماڪو رات جو ان وقت ٿيو جڏهن ته پوليس جي هڪ ٽيم ٿاڻي ۾ رکيل ڌماڪيدار مادي جي جاچ ڪري رهي هئي ڌماڪي ۾ مارجي ويلن ۾ اڪثر فرانزڪ اهلڪار شامل آهن جيڪي مواد جي جاچ ڪري رهيا هئا. جڏهن ته زخمين ۾ پڻ اڪثر جي حالت نازڪ ٻڌائي وڃي ٿي. ڌماڪي ڪان پوءِ عمارت ۾ باهه لڳي وئي

بقايا | 41 | 5 شهري فوت.

بالي جي بليلينگ ضلع ۾ روڊ حادثي سبب چين جا 5 شهري فوت ۽ 8 زخمي ٿي پيا. ميڊيا رپورٽن موجب حادثو هڪ مني بس سان پيش آيو جيڪا وڻ سان ٽڪرائجڻ کان پوءِ اونهي کڏ ۾ ڪري پئي حادثي کان پوءِ انڊونيشيا ريڊ ڪراس جي آفيسرن پوليس اهلڪارن ۽ مقامي ماڻهن زخمين کي فوري طور تي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب گاڏي ۾ 14 ماڻهو سوار هئا. چين جي قونصل جنرل حادثي جو اطلاع ملڻ کان پوءِ فوري طور تي هنگامي ميڪانزم فعال ڪري ڇڏيو. قونصل خانو انڊونيشيا جي عملدارن سان ويجهي رابطي ۾ آهي ته جيئن فوتين جي تصديق ۽ زخمين سان سڌي ريت رابطو ڪري مقامي رضاڪار ٽيمن ذريعي سهولتون فراهم ڪري سگهجن

آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ DHQ هاسپيٽل قمبر

No: DHQ/Kamber/Procurement Store/3949/57 Dated: 14-11-2025

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال قمبر ۾ هيٺ ڄاڻايل آئٽمز جي فراهمي واسطي FBR/SRB (جتي لاڳو ٿئي) جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ تي سپلائرز/فرمن/مينوفيڪچررز/امپورٽرز/مجاز ڊسٽريبيوٽرز کان رول 46(2) سنگل اسٽيج-ٽو اينولپ طريقيڪار موجب ميڊيڪل ايڪيوپمينٽ، مشينري، ايڪيوپمينٽ، فرنيچر، فڪسچر ۽ ٻين آئٽمن لاءِ E-Pak ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزيبل سسٽم (EPADS) ذريعي اي-واڪ گهرائي ٿي. تفصيلي شرطن ۽ ضابطن https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ تي ٻڌل واڪ ڪاغذ تي ڏسي/ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

سيريل نمبر	SNE	اسڪيم جو نالو
1	25-26	ميڊيڪل ايڪيوپمينٽ، مشينري، ايڪيوپمينٽ، فرنيچر، فڪسچر ۽ ٻين آئٽمن لاءِ (S.N.E Budget)

اليڪٽرانڪ واڪ فقط EPADS ذريعي جمع ڪرايا وڃن. دستي واڪ وصول نه ڪيا ويندا. خواهشمند واڪ ڏيندڙن کي اليڪٽرانڪ واڪ جمع ڪرائڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي لنڪ https://EPAD sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration سسٽم وسيلي واڪ جمع ڪرائڻ لاءِ رجسٽرڊ ڪرائڻو پوندو.

واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيل واڪ لازمي طور EPADS تي 16.12.2025 تي صبح 11:00 وڳي تائين جمع ڪرايا وڃن. 4000 رپيا ٽينڊر في اوريجنل انسٽرومينٽ ۽ واڪ قيمت جي 2 سيڪڙو تي واڪ سيڪيورٽي اي-واڪن جي ائنڊ واسطي آخري تاريخ کان پهرين پروڪيورنگ ايجنسي وٽ لازمي پهچڻ گهرجي. جيڪي ساڳئي ڏينهن صبح 11:30 وڳي ايڊريس ايٽ فاطمه انجنيئرنگ آڊيٽوريم، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU) ڪراچي ۾ کوليا ويندا.

ضروري نوٽ:

➤ اي واڪ بابت ڪنهن به سوال جواب لاءِ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ DHQ اسپتال قمبر سان 0333-7525834 تي رابطو ڪيو وڃي.

➤ حڪومت پاران موڪل ڪرڻ يا ڪنهن اڻ ٿيڻ حالتن جي صورت ۾ ٽينڊر/ واڪ ڪنهن ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي کوليا ويندا.

➤ خريدار SPPRA رولز 2010 جي لاڳاپيل فقرن تحت ڪوبه/سمورا واڪ رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

➤ ڪنهن به ڏکيائي جي صورت ۾ متوقع واڪ ڏيندڙ EPADS هيلپ لائن 051-111-137-237 تي ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن / آفيس وقت دوران رابطو ڪن.

(ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ)
قمبر ايٽ شهدادڪوٽ

INF/KRY.No.3812/2025

I WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT www.iwork4sindh.com

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز ڪورٽ، بدين

No.513/2025 Dated:12-11-2025

ٽينڊر جي دعوت جو نوٽيس (اين آءِ ٽي نمبر. D/1_2025) (3 ملين رپين کان گهٽ - ايس پي پي آر اي ويب سائيٽ پبليڪيشن فقط)

لاڳاپيل ٽيڪس ۽ ريگيوليٽري اختيارين سان رجسٽرڊ دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ کان، مالي سال 2025-26 لاءِ، سنگل اسٽيج ٽو اينولپ پروسيجر تحت، SPPRA اِي-پروڪيورمينٽ (EPAD) سسٽم ذريعي مهربند (اليڪٽرانڪ طور تي انڪريٽ ٿيل) واڪ طلب ڪيا ويا آهن، جيڪي هيٺين خريداري لاءِ آهن:

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ڪمپليڪس، بدين ۾ 6 ڪلو واٽ سولر پاور سسٽم جي انسٽاليشن.

واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت: سومر 1 ڊسمبر 2025 تي صبح جو 10:30 وڳي.

ٽيڪنيڪل واڪ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت: سومر 1 ڊسمبر 2025 تي صبح 11:00 وڳي.

هنڌ: جوڊيشل ڪامپليڪس بدين جو ڪانفرنس هال.

1. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ پنهنجا واڪ SPPRA اي-پروڪيورمينٽ (EPAD) سسٽم ذريعي 28,900 رپين جي واڪ سيڪيورٽي سان گڏ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز جج، بدين جي حق ۾ بينڪ ڊرافٽ/ پي آرڊر جي صورت ۾ جمع ڪرائيندا ۽ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرائيندا.
2. ٽينڊر فيس 1,000 رپيا (ناقابل واپسي) SPPRA EPAD ذريعي جمع ڪرائي ويندي ۽ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرائي ويندي.
3. وڌيڪ معلومات ۽ سوالن لاءِ، نصيرالدين ٽالپر، اڪائونٽنٽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ، بدين، فون نمبر0342-3413832، آفيس نمبر 0297-920003، اي ميل: djbadin@sindhhighcourt.gov.pk سان رابطو ڪريو.
4. چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي، ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2022) جي قاعدي 25 جي مطابق ڪنهن به واڪ کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
سينيئر سول جج/ اسسٽنٽ سيشنز جج، گولارچي ايٽ بدين

INF-KRY.NO.3823/2025

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن دادو

فون ۽ فيڪس: 025-4552322 اي ميل: xenpheddadu@yahoo.com

NO.TC/1986/DADU Dated:10_11_2025

نوٽيس

واڪ ڏيندڙن/دلچسپي رکندڙ ڌرين کي اطلاع ڏني وڃي ٿي ته اين آءِ ٽي نمبر 171844، تاريخ 21.10.2025 جي حوالي سان، ڪر سيريل نمبر: 5، 6 ۽ 7 تاريخ 10-11-2025 تي وصول ڪيا ويندا ۽ 11-11-2025 تي کوليا ويندا ۽ هاڻي 27-11-2025 تي وصول ڪيا ويندا ۽ 28-11-2025 تي ساڳئي هنڌ تي کوليا ويندا. پي پي آر اي ويب سائيٽ تي واڪ دستاويز اپ لوڊ ڪرڻ ۾ ڪجهه ٽيڪنيڪل مسئلن جي ڪري. جڏهن ته، اين آءِ ٽي نمبر TC/1844، تاريخ 21.10.2025 جا ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن، دادو

INF-KRY.NO.3775/2025

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

آفيس آف دي ڊائريڪٽر سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز
سيوهڻ گورنمينٽ آف سنڌ هيلٿ ڊپارٽمينٽ

فون نمبر: 025-4620317، 025-4620833 فيڪس: 025-4620835 اي ميل: sasims2015sehwan@gmail.com

NO.DIRECTOR/SASIMS/SEHWAN/(Office_Order)/_3468 Dated:13_11_2025

ٻيهر اين آءِ ٽي جي واپسي جي ليٽر لاءِ نوٽيس

هي آفيس ليٽر نمبر: ڊائريڪٽر/ ايس اي ايس آءِ ايم ايس/ سيوهڻ/- 1296، تاريخ: 12-11-2025، سال 2025-26 لاءِ دوائن ۽ ڊرگس جي خريداري لاءِ آر اي اين آءِ ٽي جي اشتهار بابت، هتي واپس ورتو وڃي ٿو

ڊاڪٽر ايم. معين الدين صديقي
ڊائريڪٽر SASIMS سيوهڻ

INF-KRY.NO.3792/2025

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

عبرت سنسار IBRAT SANSAR

68 Golden Jubilee Year

آچر 16 نومبر 2025ء

Ibratsansar@yahoo.com

سنڊي ايڊيشن

انچارج: مجيب ناريجو

”بشريٰ بي بيءَ جا ٽوٽا ڦيٽا“ برطانوي رسالي جي تحقيقاتي رپورٽ

برطانوي رسالي ’دي اڪانامسٽ‘ عمران خان جي زال بشريٰ بيبي بابت هڪ خاص رپورٽ شايع ڪئي آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ”پاڪستان جا انتظاميڪ ادارا بشريٰ بيبي کي وڏي رڪاوٽ سمجهن ٿا، جو سندس ڪابينا يا وزير ۽ پارليامينٽ جا ميمبر شامل ناهن. اڪثريت تسليم ڪري ٿو ته عمران خان جي ناڪامي‘ جا سبب استاميلشمينٹ بدران انتظامي عنصر هئا، جن بابت عمران خان پوءِ هميشه الزام ڏيندو رهيو آهي ته پارليامينٽ جي ڪوشش ڪئي ته هو پارليامانين جو وجود ئي ختم ڪري ڇڏي.“

فريد احمد

رپورٽ ۾ ڪجهه ميصرن جو حوالو ڏيندي چيو ويو آهي ته حساس اداري جي ڪجهه عملدارن ميبنه طور بشريٰ بيبيءَ تي الزام لڳايو آهي ته هو عمران خان آڏو پنهنجي ”روحاني بصيرت“ مان حاصل ڪيل معلومات طور پيش ڪندي هئي.

رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان جا انتظاميڪ ادارا بشريٰ بيبيءَ کي ”دلچسپيءَ جي پويان علامت عمران خان سندس ڪجهي شادي کان ئي تارٽ پوءِ آڏو ڏي اڪانامسٽ مطابق تڏڪي ڏ ڪهاڻي“ موجب اڇوتي انتظاميڪ چيف جنرل فيض حميد بشريٰ بيبيءَ کي نهايت نفيس پر اثرائتيءَ انداز ۾ استعمال ڪيو.

پئي طرف ’دي اڪانامسٽ‘ جي خاص رپورٽ جي شريڪ ليکڪ بشريٰ تسڪين ميڊيا سان گالهائيندي چيو آهي ته ”بشريٰ بيبيءَ جي جادوگريءَ بابت اڇيڪي رپورٽون هيون. پر جڏهن اسان ان ڪي ڪنهن ڪي ڏسڻ ۾ آيو ته ڪي تماڻ ڳهڻي معلومات ملڻ تي حيرت ٿي سگهي ٿو ته هاڻي ڀيلڪ ٽي ڪي ڪان، ڪي 27هين ترميم بعد چيف آف ڊفينس پٻ چيو ويندو ته رڳو ايٽروپر سنڊس سرڪاري ملازمت ۾ 5 سالن جي واڌ ۽ ٽي وڌي. اهي جوئيلد مارشل جي عهدي جو مدو وڌڻ ڪيئن جاري ڪيو ويندو؟ ڪي ماهر اشرفيءَ جهڙا ڪي عالم پنهنجي راءِ کي غير واضح انداز ۾ بيان ڪن ٿا.

جڏهن ته جمهوريت دانهون هن ترميم کي حڪومتي اتحاد ۽ شامل پارٽين مٿان جمهوريت سان غداري قرار ڏين ٿا.

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته پارت جي حملي ۽ پاڪستان جي جوابي ڪارروائي. جنهن ۾ پارت جا ڪيترائي جنگي جهاز تباهه ٿيا هئا، ڪان پوءِ سموري دنيا ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير کي وڏي مڃتا ملي. خاص ڪري آمريڪا جي صدر ٽرمپ طرفان بار بار تاريف ڪرڻ ۽ پارت کي ٽوڪن وغيره ڪانپوءِ اهو ۽ سوال پيدا ٿيڻ لڳو ته پاڪستان جي ان ڪاميابيءَ جو ڪريڊٽ هوائي فوج جي سربراهه کي ملي. جنهن ۾ پارت جي ڪيترن ئي جهاز تباهه ٿيا هئا.

ان کري هوائي فوج جي ڪيترن ئي وڏن آفيسرن جي ترقي ۽ تبديليءَ جو سوال پيدا ٿيو. جنهن ڪري هوائي فوج جي سربراهه ايئر چيف مارشل اوجلا جي ريٽائرمينٽ جو وقت به ويجهو اچي ويو. ان کري ايئر چيف مارشل اوجلا جي ريٽائرمينٽ جي وقت ۾ ئي ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو ڪمان هيٺ آرمي چيف جنرل عاصم منير جي ماتحت ڪم ڪرڻ لڳو. جيڪو هڪ غير معمولي ڳالهه هئي. ڇاڪاڻ جو هن کان اڳ ڪڏهن به ايئر چيف ۽ آرمي چيف جي وچ ۾ اهڙو رشتو نه هو. جيڪو هن وقت آهي.



ستاويهين ترميم ۽ تڪراري ووٽ

فريد احمد

عمر سڄي ۽ لاءِ گرفتاري ۾ ڪيس ڪن چوٽ ڏني چڏي آهي. نڏاڻن جو چوڻ آهي ته. اهو عمل آمريت يا ڏاتي ڏاڻهن هڪ ڏمر آهي. 27هين آئيني ترميم جيڪا خميس جي ڏاڻن ٻڌڻي وٺي. ملڪ جي اعليٰ عدالتن جي ڪم ۾ وڏ اهم تبديليون آڻيندي ترميم جا حامي چون ٿا ته اها هڪ اهتياريندڙ قوجر جي انتظامي ڍانچي ۾ شفافيت ۽ وضاحت آڻيندي ۽ عدالتن ۾ پوئرائي کي ڦهڪاءُ ۽ مدد ڪندي فوج ڏهڪي عرصي سڪمي ٿو ته هاڻي ڀيلڊ مارشل جو اوستيس برقرار رهڻ سان ڪنهن به اهڙي آفيسر کي پرڏيڀيءَ وڃڻ جي ضرورت نه ٻوي.

ان باوجود جيڻن ته هي ترميم آڻين ٿا جو حصو ٿي وڃي آهي، ان تي تنقيد ۽ تعريف جو سلسلو ٿيستائين جاري رهندو پارليامينٽ اچي ٿي مستقبل جو فيصلو نڪي ڪري. الها هاڻي پيلڪ ٽي ڇڪي آهي. ان کي ان ٻابت ايندڙ راين جي آڇيان ٿيڻ گهرجي.



ٽن سالن ۾ هڪ حديث جو سهارو به ورتو وڃي ٿو ته نبي پاڪ پنهنجي نياڻيءَ ۽ لاءِ چيو هو ته ”جيڪڏهن اها به ڇوري ڪري ته ان جو به هٽ ڪيو ويندو“ ڪي ماهر اشرفيءَ جهڙا ڪي عالم پنهنجي راءِ کي غير واضح انداز ۾ بيان ڪن ٿا.



نيٺ 27هين ترميم پاڪستان جي آئين جو حصو ٿيڻي وڃي. جنهن ڪيترن ئي بحثن ۽ جنم ڏنو آهي. جنهن ۾ ان ترميم جا اسلامي شرعي اصول تورڙي پاڪستان جي آئين جي بنيادي اصولن کي اڳيان رکي هڪ پنهنجي پنهنجي راءِ اظهار ڪري رهيو آهي. جڏهن ته انهي ترميم بعد ملڪ جي سڀ کان وڏي عدالت جي پن ججن سڀ کان سينئر جسٹس جج منصور علي شاهه. جيڪو هڪ زماني ۾ چيف جسٹس ٿيڻ وارو شرط ڪري اهو قرار ڏنو ويو هو ته سڀ کان سينيئر ڪن ججن مان کو چيف جسٹس ٿيندو ۽ اهڙي طرح جسٹس منصور علي شاهه جو پهرين نمبر سڏجي ٿو. ته اڄي سڳمي ۽ جسٹس يحيٰ آفريدیٰ کي چيف جسٹس مقرر ڪيو ويو هو. ان ڪري سينئر جج جسٹس اطهر من الله پڻ پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني. جنهنڪري سبب به هنن 27هين ترميم کي چٽائيي ڏني. جنهنڪري سبب ته هنن 27هين ترميم کي ڪوٺ ۽ ڪچهريءَ ۾ ڪري ڪوٺيو ويو آهي. ته هنن ڪيئن ٿا ڪن ڪيئن ٿا ڪري. ڪي ماڻهو ان کي ڪاري ڏينهن جو ڏينهن ڪوٺيو ويو آهي. ته

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلهڙو پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آچر 16 نومبر 2025ع

غزه ۾ عالمي فورس مقرر ڪرڻ جو فيصلو ۽ مسلم دنيا!

غزه جو مسئلو گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان عالمي سياست، انساني حقن ۽ وچ اوڀر جي استحڪام جو هڪ مرڪزي مسئلو رهيو آهي ۽ موجوده صورتحال هڪ نئين ۽ نازڪ موڙ تي اچي پهتي آهي. ميڊيا رپورٽ ڪيو آهي ته پاڪستان عرب ۽ مسلمان ملڪن سان گڏجي غزه ۾ عالمي استحڪام فورس (ISF)مقرر ڪرڻ بابت امريڪي قرارداد جي حمايت ڪئي آهي، جيڪا هن وقت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ غور هيٺ آهي. هي قدم نه صرف غزه ۾ امن جي لاءِ هڪ نئون باب کولڻ جي ڪوشش آهي پر خطي ۾ گڏيل سفارتڪاري ۽ هم آهنگيءَ جو هڪ مثال آهي. گڏيل بيان ۾ پاڪستان، قطر، مصر، سعودي عرب، متحده عرب امارات، ترڪي، اُردن، انڊونيشيا ۽ امريڪا گڏجي واضح ڪندي چيو آهي ته هيءَ قرارداد آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي اُن تاريخي 20 نُڪاتي امن منصوبي سان جڙيل آهي، جنهن کي شرم الشيخ ۾ عالمي سطح تي وڏي پيماني تي قبول ڪيو ويو هو. هن منصوبي جو مقصد نه صرف غزه ۾ جنگ بنديءَ کي مستحڪم ڪرڻ آهي پر فلسطيني عوام جي آزاديءَ ۽ مستقبل جي رياست جي قيام لاءِ هڪ باقاعده ڍانچو ترتيب ڏيڻ آهي. غزه ۾ موجوده جنگ بندي انتهائي ڪمزور ۽ نازڪ مرحلي ۾ آهي، جتي انساني بحران شدت اختيار ڪري چڪو آهي. آباديءَ جي هڪ وڏي حصي کي ڪاڏي پيتي، دوائن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ عارضي طور تي هڪ عالمي فورس جو قيام لازمي ٿي چڪو آهي، جيڪا هٿياربند تي ڪنٽرول، شهري ماڻهن جي حفاظت ۽ انساني امداد جي رسائيءَ کي يقيني بڻائي سگهي. اهڙيءَ امڪاني عالمي فورس جو ٻن سالن لاءِ مقرريءَ جو شرط طئي ڪيو ويو آهي. پاڪستان لاءِ اِن قرارداد جي حمايت رڳو سفارتي قدم نه آهي، بلڪه اهو پاڪستان جي اصولي موقف، يعني فلسطيني عوام جي آزاديءَ جي حمايت جو تسلسل پڻ آهي. پاڪستان هميشه اها ڳالهه ڪندو رهيو آهي ته خطي ۾ پائيدار امن تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن فلسطيني عوام کي عزت، تحفظ ۽ رياستي حق فراهم ڪيا وڃن. پاڪستان ۽ ٻين مسلم ملڪن جو گڏيل موقف عالمي برادريءَ لاءِ هڪ واضح پيغام آهي ته فلسطيني مسئلو ڪنهن هڪ ملڪ يا هڪ قوت جي مرضيءَ تي نه ڇڏڻ گهرجي پر اهو هڪ گڏيل ۽ عالمي ذميواريءَ وارو مسئلو آهي. جڏهن ته روس امريڪي قرارداد جي جواب ۾ پنهنجي الڳ قرارداد پيش ڪري چڪو آهي، جنهن سان عالمي فورم ۾ اختلاف وڌڻ جا امڪان آهن. پنج مستقل ميمبرن وٽ ويٽو جو اختيار موجود آهي ۽ ڪنهن به هڪ ملڪ جي مخالفت پوري قرارداد کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿي. امريڪي مشن واضح ڪيو آهي ته موجوده جنگ بندي انتهائي ڪمزور آهي ۽ جيڪڏهن سلامتي ڪائونسل گڏيل موقف اختيار نه ٿو ڪري ته غزه ٻيهر شديد عدم استحڪام جو شڪار ٿي سگهي ٿو. اها ڳالهه به واضح ڪئي وئي آهي ته اها فورس غيرجانبدار ۽ عالمي نوعيت جي هوندي ۽ ان ۾ امريڪا پنهنجا فوجي اهلڪار ان ۾ شامل نه ڪندو.

عالمي فورس جي ذميوارين ۾ غزه اندر غير رياستي هٿياربند ماڻهن جا هٿيار غير فعال ڪرڻ، شهري آباديءَ جي حفاظت ڪرڻ، انساني امداد لاءِ محفوظ رستا فراهم ڪرڻ ۽ علائقي کي تدريجي طور هڪ مستحڪم سياسي ماحول ڏانهن منتقل ڪرڻ شامل آهن. اهي سڀ ڪم صرف فورس جي موجودگيءَ سان ممڪن ٿي سگهندا. عالمي فورس جو مقصد ڪنهن هڪ گروپ خلاف جنگ نه پر هڪ جامع انساني ۽ سلامتيءَ وارو نظام قائم ڪرڻ آهي، جيڪو فلسطيني عوام کي محفوظ ۽ پائيدار مستقبل ڏئي سگهي. فلسطيني عوام لاءِ هي قرارداد هڪ نئين اميد ثابت ٿي سگهي ٿي، خاص طور تي ان صورتحال ۾ جڏهن سالن کان جاري جنگ سبب علائقو تباهيءَ جي ڪناري تي بيٺل آهي. ان سان گڏ عالمي فورس نه صرف هڪ محفوظ ماحول فراهم ڪندي پر غزه جي سماجي، تعليمي ۽ معاشي بحاليءَ لاءِ پڻ دروازا کولي سگهندي. جيڪڏهن فلسطينين کي آزادي، سلامتي ۽ پنهنجو سياسي مستقبل حاصل ڪرڻو آهي ته عالمي برادريءَ جو گڏيل قدم ۽ متوازن مداخلت انتهائي ضروري آهي. پاڪستان ۽ ٻين مسلم ملڪن جو گڏيل موقف عالمي سفارتڪاريءَ ۾ هڪ مثبت قدم آهي. بلڪه اهو نه صرف غزه جي آباديءَ لاءِ اُميد جو سبب آهي پر عالمي ضمير کي جاڳائڻ لاءِ پڻ سلو قدم آهي. فلسطيني عوام کي منصفاڻي شراڪت، تحفظ ۽ رياستي حق ڏيڻ کان سواءِ وچ اوڀر ۾ پائيدار امن ناممڪن رهندو. موجوده قرارداد جي حمايت سان دنيا هڪ اهڙي طرف وڌي رهي آهي، جتي جنگ بدران انصاف ۽ تڪرارن بدران استحڪام جي ترجماني ٿي رهي هجي. غزه جو مستقبل رڳو قرارداد تي دارومدار نه ٿو رکي پر عالمي برادريءَ جي سنجيدگي، اتحاد ۽ اخلاقي ذميواري تي پڻ ٻڌل آهي.

عدالتي استحڪام، آئيني عدالت جو چيف جسٽس ۽ ايندڙ وقت...!

غلام مصطفيٰ جمالي

عدالت صرف قانون تي نه پر ايمانداري ۽ شفافيت تي بيٺل هڪ طاقتور ادارو آهي، جيڪو قوم جي اعتماد جو آئينو آهي.

تاريخ هميشه سبق ڏئي ٿي ۽ قانوني نظام انهن سبقن جو اهم آئينو آهي. گذريل سالن ۾ عدالتن ڪيترائي انتهائي حساس ڪيس سنڀاليا پر عوام ۽ قانوني ماهرن جو چوڻ آهي ته ڪڏهن ڪڏهن فيصلا دير سان جاري ٿيا ۽ بئنچ جي انتظام ۾ شفافيت برقرار نه رهي. ماهرن موجب ڪيسن جي ورڇ ۽ بئنچ ترتيب ڏيڻ ۾ منظم حڪمت عمليءَ جي کوٽ سبب عدالتي نظام نازڪ بڻجي ويو هو ۽ ڪيترائي اهم ڪيس سالن تائين التوا ۾ رهيا. جنهن ڪري عدالت جي ساک تي منفي اثر پيو. اهي سڀ تجربا مستقبل لاءِ سبق پيش ڪن ٿا، جنهن ۾ شفافيت، عوامي اعتماد ۽ آئيني آزاديءَ جو توازن برقرار رکڻ لازمي آهي.

تازو ڪجهه ڏينهن ۾ ٿيندڙ اهم تبديليون، اهميت اختيار ڪري ويون آهن. خاص طور تي وفاقي آئيني عدالت جو جسٽس امين الدين خان چيف جسٽس طور عهدو سنڀالڻ، ساڳس گڏ ڇهن ٻين ججن جو پڻ قسم کڻڻ هڪ نئين عدالتي سرشتي جو آغاز هو. اها تقريب رڳو رسمن تائين محدود نه هئي پر گذريل مهينن ۾ عدالت جي اندروني ماحول، آئيني بحثن ۽ عوامي اميدن جو نتيجو پيش ڪيو.

صدر آصف علي زرداري پاران معزز ججز کان حلف ورتو ويو، جيڪو عدالتي ۽ سياسي ماحول بنهي ۾ نئين شروعات جو پيغام لڳي رهيو آهي. نئين آئيني عدالت عوامي اعتماد بحال ڪرڻ، عدالت کي سياسي دٻاءُ کان آزاد رکڻ ۽ ڪيسن جي تيز فيصلن کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي.

ان دوران اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ڪجهه پراڻن ججن پنهنجو عهدو ڇڏي ڏنو، جيڪو صرف 27هين آئيني ترميم جي ڪري هو. انهن ججن جو موقف هو ته 27هين ترميم عدالتي اختيارن کي محدود ڪري سگهي ٿي ۽ عدالت جي آزاديءَ تي منفي اثر وجهي سگهي ٿي. انهن استعيفائن ۾ ڪنهن به ذاتي اختلاف جو سوال ناهي لکيو. 27هين آئيني ترميم جو مقصد ادارن وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ، اختيارن جي حدن کي واضح ڪرڻ ۽ عدالتي نظام کي منظم ڪرڻ هو پر ان تي سياسي ۽ آئيني اختلاف پيدا ٿي رهيا آهن. ڪجهه سياسي ڌريون عدالت جي طاقت کي محدود ڪرڻ چاهين ٿيون، جڏهن ته ٻيا ان کي عدالت جي آزاديءَ لاءِ خطرناڪ قدم سمجهي رهيا آهن.

آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان جي قيادت هيٺ نئين قائم ڪيل وفاقي آئيني عدالت عوام جي اعتماد کي بحال ڪرڻ ۽ عدالتي نظام ۾ توازن قائم رکڻ جي ذميداري کڻي آهي. عوام کي اميد آهي ته گذريل اختلافن ۽ دير کي ختم ڪندي هڪ اهڙو نظام پيش ڪيو ويندو، جنهن ۾ شفافيت، انصاف ۽ آئيني آزاديءَ جو توازن برقرار رهي سگهندو.

عدالتن جو استحڪام صرف ادارتي عمل تي نه پر عوام جي اعتماد ۽ سياسي توازن تي پڻ دارومدار رکي ٿو. عوام جي راءِ موجب، عدالت جي فيصلي سازيءَ ۾ شفافيت ۽ انصاف جو توازن برقرار رکڻ سڀ کان اهم آهي، جو نه ڪنهن به عدالتي فيصلي سواءِ عوام جو اعتماد اثرائتو نه ٿو ٿي سگهي.

پراڻن ججن جون استعيفائون هڪ اهم سبق ڏين ٿيون ته عدالت جي آزادي ۽ بنيادي اصول ڪنهن به ترميم يا قانوني تبديلي کان متاثر نه ٿيڻ گهرجن. عدالت صرف ادارتي عمل نه، پر آئيني، قانوني ۽ اخلاقي اصولن تي عمل ڪرڻ وارو ادارو آهي ۽ سياسي دٻاءُ يا ترميم جي سبب پنهنجا بنيادي اصول قربان نه ڪرڻ گهرجن.

نئون بينچ عدالت جي اندروني ڪم کي بهتر بڻائڻ سان گڏ قومي استحڪام ۽ آئيني توازن لاءِ اهم آهي. عوام کي اميد آهي ته گذريل اختلافن ۽ دير کي ختم ڪندي شفاف، انصاف تي ٻڌل ۽ آئيني آزادي سان ڀرپور نظام پيش ڪيو ويندو.

عدالت جي اندروني ڪم جي بهتري لاءِ، نئون بينچ فيصلن ۾ توازن برقرار رکڻ، ڪيسن جي تيز رفتاري، شفافيت ۽ عوام جي ڀروسي کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو جيڪا صرف قانوني ذميداري نه پر قومي ذميداري پڻ آهي.

آخرڪار، هي نئون بينچ، نئون چيف جسٽس، نوان جج ۽ صدر آصف علي زرداري جي حلف برداري سان عدالتي تاريخ ۾ هڪ اهم لمحا جوڙي ڇڏيا آهن. ماضي جي تجربن، موجوده حالتن ۽ مستقبل جي اميدن کي نظر ۾ رکندي، عوام ۽ قانوني حلقا نئين بينچ جي فيصلي سازيءَ ۽ عمل تي ڀروسو رکن ٿا. جيڪڏهن نئون بينچ انصاف، شفافيت ۽ عدالتي غير جانبداري برقرار رکندو ته اهو مستقبل ۾ عدالت جي ساک ۽ اعتماد کي وڌائيندو ۽ ملڪ ۾ عدالتي نظام جو نئون دور شروع ٿيندو. نئون چيف جسٽس، نوان جج ۽ عدالتي اصلاحات، ملڪ جي آئيني صحت ۽ عوامي اعتماد جي ضمانت آهن.

آمريڪا جي فضائن مان

27هين ترميم: تصوير جو ٻيو رُخ ۽ طاقت جي سودي جو ننگو سچ!

راجا زاهد اختر خانزاده

پاڪستان جي سياست ۾ سڌي لڪير ڪڏهن به نه رهي آهي. هيءَ تاريخ جي اها پراڻي پگڊنڊي آهي، جتي هر قدم هيٺ ڪو نئون راز، ڪو وساريل نوحو يا ڪو دٻايل سڏ جاڳيل پيو ٿو. چند ڏينهن اڳ مون هڪ ڪالم لکيو هو، 'خواب ۽ پٽو ۽ بينظير سان ملاقات: آئين جي جيپاٽجڻ تي روحن جو احتجاج' اهو ڪالم عجيب طرح ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. حڪومت مخالف حلقن لاءِ اهو سچ جو آئينو بڻجي ويو ۽ حڪومتي همدردن جي اک جو ڪنڊو بڻجي ويو. اڄ به مان پنهنجي هر لفظ تي قائم آهيان، ڇو ته حقيقت ڪڏهن به هڪ رُخ تي بيٺل ناهي هوندي. طاقت جي قلم جڏهن پوري اسڪرين تي هلايون ٿا ته ڏنڊ پويان لڪل چهرا به نظر اچن ٿا ۽ اهي فيصلا به سامهون اچي وڃن ٿا، جيڪي اسان کي 27هين ترميم تائين وٺي آيا.

اها تحرير ترميم جو دفاع نه آهي پر اهو ڊيڪارڊ جي ڪوشش آهي ته اسان هيستائين ڪيئن پهتاسين؟ ڪهڙي موڙ تي تاريخ جو رستو ٽٽو؟ ۽ ڪهڙي هٿ آئين تي اهڙا ڦهرين خراش وڌي، جنهن بعد سوين زخم پيدا ٿيا. راولپنڊيءَ جي اها سرد شام اڄ به ياد آهي، جڏهن بينظير ڀٽو جي آخري تقرير هوا ۾ گونجي رهي هئي ۽ تاريخ اوچتو ان تي رت جا ڦڙا اُڇلايا. مسڪراهٽ بند ٿي وئي، ساهه روڪجي ويو ۽ سڄو ملڪ هڪ پل ۾ جمي برف ٿي ويو.

اها گهڙي جڏهن سيني کي لڳو ته هڪ دور ختم ٿيو ۽ نئون دور شروع ٿيو آهي، حقيقت ۾ اُتي ئي اها ڪهاڻي شروع ٿي، جنهن جو آخري صفحو اڄ 27هين ترميم جي صورت ۾ اسان جي اڳيان آهي. بينظير جي شهادت پيپلز پارٽيءَ لاءِ همدرديءَ جي وڏي لهر بڻجي وئي ۽ 2008ع ۾ اها سڀ کان وڏي جماعت طور سامهون آئي. زرداري ايوان صدر پهتو گيلاني وزيراعظم ٿيو وڪيلن جي تحريڪ، ججن جي بحالي، 'گو مشرف گو' جا نعرا. هي سڀ نئين صبح جا اشارا سمجهيا ويا. پر ان وقت ئي خاموشيءَ سان ٻي راند به شروع ٿي چڪي هئي. مشرف کي گارڊ آف آنر ڏئي رخصت ڪرڻ سياستدانن ۽ طاقت جي مرڪزن وچ هڪ غيرلکت معاهدو هو.

انهن فيصلو ڪيو ته ماضيءَ کي وساري اڳتي وڌجي، بحال ٿيل عدليه اندر نئون مزاج پيدا ٿيو. جيڪو آئين سان کيڏندو اهو مثال بڻجندو. اين آر او رد ٿيو. مشرف خلاف آرٽيڪل 6 لڳو اهو رڳو مشرف خلاف نه هو پر ٻين لاءِ وارننگ هئي. پوءِ گيلانيءَ تي دٻاءُ پيو ۽ هُو گهر موڪلي ويو.

پوءِ پاناما آيو، اقاما آيو ۽ نواز شريف کي عدالت نه رڳو پارليامينٽ مان پر سياست مان به تاحيات نااهل قرار ڏنو. عوام جيڪا عدليه لاءِ تحريڪ هلائي هئي سا آهستي آهستي طاقت جي راند جي هٿ ۾ هٿيار بڻجي وئي. عدليه تلوار به ٿي، ڍال به ۽ ڪڏهن ڪڏهن هيرو به.

عمران خان سالن جا سال زرداري، نواز، اين آر او ۽ ڪرپشن خلاف ڳالهائيندو رهيو ۽ 2018ع ۾ هائبرڊ تجربو ٿيو. تاريخ جي سڀ کان خاموش انجنيئرنگ. يعني خان آيو. نعرو "تبديليءَ" جو پر حڪمراني انتقام جي عدالت بڻجي وئي. تعلقات ٽٽڻ لڳا، عدم اعتماد ٿيو ۽ ملڪ نئين بحران ۾ داخل ٿيو.

پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ به وزيراعظم مڪمل مُدو پوري نه ڪري سگهيو. ڪو مڙهيو ويو، ڪو عدالت ڪڍي ڇڏيو، ڪنهن کي صدر هٽائي ڇڏيو، ڪنهن کي سازشن ۾ ڦاسايو ويو. ڪو پاڻ هلندو بڻيو هي رڳو طاقتور ڌر جو ڏوهه نه هو پر سياستدان به ان ۾ برابر جا شريڪ هئا. ٽرمپ آيو، عالمي پوزيشن بدلي، هندستان سان جنگ جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ فيلڊ مارشل ۽ پاڪستان جي دنيا ۾ عزت وڌڻ لڳي. اڳتي هلندي 27هين ترميم جنم ورتو ۽ اهي ئي پارٽيون، جيڪي ڪڏهن آمريت خلاف ديوار بڻيل هيون، اڄ هڪڙي قطار ۾ بيٺل نظر آيون.

عالمي ميڊيا لکيو ته Pakistan has placed its Constitution under a new military shadow.

هاڻي سياسي تاريخ جو دائرو ٻيهر مڪمل ٿي چڪو آهي. عوام کي وري ٻڌايو پيو وڃي پر ڪو به پنهنجي گريبان ۾ نه ٿو جهاتي پائي. هيءَ راند ڪنهن هڪ اداري جي نه پر طاقت جي ٽڪنڊي جو هڪ تيز ڪنارو آهي، جنهن ۾ ڏک هميشه عوام تي لڳو آهي. 27هين ترميم ڏهاڪن جي گڏيل غلطين جو انجام آهي. اهي ئي پارٽيون، جيڪي ڪڏهن مزاحمت جون علامتون هونديون هيون، اڄ خاموشيءَ سان طاقت جي اڳيان جُهڪيل نظر آيون ۽ عوام؟ اُن کي بار بار اهو ئي ٻڌايو وڃي ٿو ته 'بحران جي جڙ هڪ ادارو آهي' جڏهن ته پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائڻ جي همت ڪنهن وٽ به ناهي. عوام! جي ها اُها عوام، جنهن کي ڀٽو صاحب اصل طاقت جو سرچشمو سڏيو هو اهڙي طرح طاقتور حلقن عدليه جي آزاديءَ ڪانپوءِ ججن ۽ سڄي عدليه کي پنهنجو هٿيار بڻايو.

مان نه ٿو چوڻ چاهيان صرف اهو ٻڌائي رهيو آهيان ته، جيڪڏهن ڪا قوم ساڳي غلطي ورجائيندي رهي ته ان جي آئين جو انجام به پوءِ ان جي ووٽ وانگر ٿيندو. ٽُٽل، وڪريل ۽ بي وزني.

اصولن تي سوديبازي، ڪالهه به گناهه هئي، اڄ به خطا آهي ۽ سپاهي به لغزش رهندي، جيئن سياستدان هر بحران ۾ ڪنهن 'خفيه ريفري' ڏانهن نهاريندا رهندا ۽ عدليه ڪڏهن هيرو، ڪڏهن امپائر ۽ ڪڏهن مسيحا بڻجڻ جي هُل ۾ پنهنجو اصل ڪردار وساري ڇڏيندي، اٿين تبديلين جي ڪا صبح پيدا نٿي ٿي سگهي.

27هين ترميم ڏهاڪن کان هلندڙ انهن سيني هٿن جي گڏيل تحرير آهي، جيڪي مصلحتن جي نالي تي جمهوريت کي زخمي ڪندا آيا ۽ هاڻي صورتحال اهڙي ته سنگين آهي جو جمهوريت رڳو زخمي نه پر ان جي وجود تي آخري وار جي تياري نظر اچي ٿي. تاريخي واقعن جا سبب ته ٻڌائي سگهي ٿي پر انهن لاءِ جواز ڪڏهن نٿي ڏئي سگهي ۽ سڀ کان تلخ حقيقت هيءَ آهي ته طاقت جي هن ڊگهي سفر ۾ جيڪڏهن ڪجهه اڳواڻ مزاحمت ڪئي ته انهن کي عبرت جو نشان بڻايو ويو ۽ جيڪي جُهڪيا، تن کي نوان ڪردار بڻائي عوام جي اڳيان پيش ڪيو ويو.

جيڪي ڪمزور هئا، انهن کي مجبوريءَ ۾ اين آر او ۽ ڊيل وٺڻي پئي ۽ اڄين اسان سڀ پنهنجين خاموشين پنهنجين ڪمزورين ۽ پنهنجي فائدي جي حرص سان هن انجام ڏانهن پاڻ رستو ناهيندا آيا آهيون. هي انجام ڪنهن هڪ ڏينهن جو فيصلو نه آهي پر سالن جي گڏ ڪيل غلطين جو پاڇو آهي، جيڪو اڄ هڪ ٿڌي، خاموش پٿر جيان اسان جي سامهون بيٺو آهي.

هي انجام ڪنهن هڪ ڏينهن جو فيصلو نه آهي پر سالن کان گڏ ٿيندڙ غلطين جو پاڇو آهي، جيڪو اڄ اسان جي سامهون هڪ خاموش پٿر وانگر بيٺو آهي. اسان جو سفر اڃا تائين مڪمل نه ٿيو آهي.

اسين اُن ڪُلهي وانگر آهيون، جيڪو صبح کان شام تائين هلندو به آهي، ٿڪجندو به آهي پر جڏهن رات جو اُن جي اکين مان پٽي هٽائي ويندي آهي ته خبر پوندي آهي ته اهو اڃا تائين اوجتو اُتي ئي بيٺو آهي، جتان هن هلڻ شروع ڪيو هو. اسان جي تاريخ به اهڙي ئي گهمندڙ دائري جو سفر آهي. ستر ورهين بعد به اڄ اسين اُتي ئي بيٺا آهيون، جتان اسان پهريون دفعو هي سفر شروع ڪيو هو.

عـبـرت پـوسـٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

لاڙڪاڻو شهر کي بجلي ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ کان استثنا ڪيو!

ڪيڏي نه حيرت جهڙي ڳالهه آهي جو جنهن پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي وجود سان گذريل چاليهن سالن کان ملڪ ۽ سنڌ صوبي جي اندر حڪومت هلي رهي آهي. انهيءَ پ پ پ جي مرڪز ۽ گڙهه سڏيو ويندڙ شهر لاڙڪاڻي ۾ بجليءَ ۽ سوئي گيس جي ابتري ته غير قانوني غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي، جنهن جو ڪٿي مثال نٿو ملي سگهي. واپڊا سفيد هاٿيءَ وارا بجليءَ جي ته اهو نام نهاد ڪوڙو من گهڙت بهانو ڪري لوڊشيڊنگ ڪندا رهن ٿا ته ايا..! لاڙڪاڻي جي اندر ڪٿي ڪٿي ڪندا بجليءَ جي ڪري ڪندا رهيا آهن پر ڪوئي حڪومت ۾ رهندڙ سياستدان حڪمران اها ڳالهه نه سمجهي سگهي ٿو ته پيلي سوئي گيس جي اندر ته ڪٿي به ڪندا ناهن لڳل پوءِ به لاڙڪاڻي شهر جيڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جو شهر آهي. انهيءَ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي مرڪز اهم گڙهه ۾ ابتري سوئي گيس جي غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي جو ٻارڙن جي ناشتي جي مانيءَ لاءِ نه وقت تائيم نٿو ڏنو وڃي، اهڙي طرح ئي منجهند توڙي رات جي ڪاڌي پچائڻ جي ٽائيم تي سوئي گيس نند لڳي پئي آهي. پوءِ اڪثر ڪري معصوم ٻارڙا صبح جو نيرن کان بغير اسڪول وڃن ٿا ۽ مانجهاندي جو واپس اچن ٿا ته وري به سوئي گيس جي لوڊشيڊنگ لڳي پئي آهي. پوءِ لاڙڪاڻي شهر جي ڪجهه ماڻهن سوئي گيس جي ڏکي لوڊشيڊنگ سبب سلينڊر وٺي ڇڏيا آهن پر سڀ ڪو ته سلينڊر نٿو خريد ڪري سگهي. لاڙڪاڻي شهر جي عوام جو پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف، پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ کان مطالبو آهي ته خدارا لاڙڪاڻي شهر کي بجلي توڙي سوئي گيس جي مد ۾ استثنا ڏني وڃي، جيئن شهيدن جي شهر لاڙڪاڻي جو عوام گهٽ ۾ گهٽ ٽي وقت پنهنجي گهر ۾ ماني پچائي کائي سگهي. جڏهن هر هڪ کي ملڪ ۾ استثنا ملي سگهي ٿي ته پوءِ لاڙڪاڻي شهر جي عوام ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو انهيءَ تاريخي شهر ۽ پ پ پ جي اصل گڙهه مرڪز واري شهر لاڙڪاڻي جي عوام کي بجليءَ ۽ سوئي گيس جي حوالي سان رعايت سهولت ۽ استثنا ڏني وڃي. اميد ته هن ننڍڙي عوامي گذارش کي پ پ پ اعليٰ قيادت توڙي لاڙڪاڻي شهر جي مقامي سطح جا اڳواڻ زير غور ڪندي عوامي مسئلي کي حل ڪندا ته مهرباني ٿيندي.

عامر احمد عباسي لاڙڪاڻو

هٿ چڙهي وياسين غلط واپاريءَ جي!

منظور ڪوسو

گذريل ڪيترن ئي ورهين کان ڏسندا پيا اچون ته شايد ئي سنڌ تي ڪو سُک چين جو ڏينهن گذريو هجي ۽ سنڌ جي عام ماڻهوءَ سُک جو ساهه کنيون هجي. سڀ ڪجهه هوندي به 'پاڻي مٿي جهوپڙا، موڪ اڄ مرڻ' جهڙو حال آهي. هتي جيڪڏهن خوش آهن ته چور، لٽيرا، جونڪ جيان عوام جو رت چوسيندڙ ڪامورا ۽ قبائلي جهيڙن جي نالي تي سرسبز آباد ٻنيون، وستيون واهڻ برباد ۽ قبرستانن ۾ اضافو ڪندڙ پوتار جيڪي ورهين کان ماڻهو مارائيندا پيا اچن. جيئن ڪجهه ڏينهن اڳ شڪارپور جي ڪچي ۾ شر ٻدائي جهيڙي ۾ هڪ ئي گهر جا ڇهه پاڻي ناحق ماريا ويا هي ويچارا انهن جهيڙن جي ڪري ٽي سال اڳ هتان لڏي ويا هئا پر فيصلي جي تاريخ مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجن اباڻن ٻٻن تي هڪ ڏينهن اڳ موٽي آيا ۽ ٻئي ڏينهن تي ماريا ويا. سنڌ ۾ ماڻهو جي جان جي ڪا قيمت ئي ڪانهي، هڪ ڏينهن جن کي گهمندي قرندي ٿا ڏسون ته ٻئي ڏينهن خبر ٿي پئي ته ويچارا ماريا ويا، هن ڪان وڏو الميو ٻيو ڇا ٿيندو. سنڌ واسي صدين کان اڻ ڪيل گناهن جي سزا ڀوڳين پيا. اهڙا ڏوهه پاپ جيڪي انهن خوابن ۾ به ڪونه ڪيا ۽ مٿان ظلم اهو ته وري قوم هڪ ظالم واپاري جي هٿ چڙهي وئي آهي، اهڙو واپاري جنهن وٽ اسان پنهنجي آزادي ۽ خودمختياريءَ جا سڀئي حق ۽ واسطا بنا پئسي پاڻ ئي وڪڻي ڇڏياسين. گردن به اسان جي ته طوق به اسان جو بنا ملهه پنهنجو سودو ڪري ويٺاسين. هن حال تي مون کي هڪ پنجابي شاعر جا ٻول ٿا ياد پون. جيڪي سؤ فيصد اسان جي حال جي ترجماني ڪن ٿا. شاعر ۽ اديب هوئڻ ۽ پنهنجي دور جي تاريخ ٿين ٿا. ڪوشش ڪنداسين ته وٽ وس آهر انهن پنجابي سٽن جو ترجمو آسان سنڌيءَ ۾ پڙهندڙن جي لاءِ هن ڪالم ۾ رکون.

ہتھیں چڑھے آں غلط وپاری دے
اوہدی مرضی اے جہڑے پل ویچے
بھاویں بوٹیاں کر کے ویچ اوئے
بھاویں بدن توں لا کے کھل ویچے
پہلے لا کے داغ غلامی دا
ہو سگدائے قاسم ول ویچے
اساں بک نہ بک ڈینہہ وک ونجناں ایں
بھاویں اج ویچے بھاویں کل ویچے!

ترجمو: هٿ چڙهي وياسين غلط واپاري جي،
ان جي مرضي جنهن مهل وڪڻي،
چاهي ته ٻوٽيون ڪري وڪڻي اچي،
يا جسم تان کل لاهي وڪڻي!!
پهرين هڻي داغ غلاميءَ جو،
ٿي سگهي ٿو ته "قاسم" ٻوءِ وڪڻي،
اسان ته هڪ نه هڪ ڏينهن وڪجي ويندا سين،
پلي اڄ وڪڻي يا سڀاڻي وڪڻي!!

جوٽي آهي ته وڪائل گهوڙي جو ڪاڳهه ٿي ڪونهي سو پاڻ به هاڻي بي ملها ٿي وياسين ظالم واپاري جي مرضي آ هاڻي جيئن وڪڻي، جڏهن وڪڻي جنهن ملهه چاهي وڪڻي!

جت قبيلو اُٺن پالڻ جي حوالي سان مشهور آهي ۽ ٻيو انهن جو حوالو سسئي آهي جو ان جو واسطو به جتن سان ٻيو هو.

'جت ڪيائين يار، سورن ڪارڻ سرتيون'

هي قبيلو سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب تائين پکڙيل آهي. اُٺ پالڻ سندن محبوب مشغلو آهي. چوندا آهن ته هڪ جت ڏور ڪنهن ٻئي شهر ۾ پنهنجو اُٺ ڪنهن ماڻهوءَ کي وڪرو ڪري ڏنو. اُٺ کي مالڪ سان سخت محبت هئي سو ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ تنگ چنائي اچي مالڪ وٽ پهتو پٺائي صاحب جي بقول محبت آڏو زنجيرن ۽ ڏاوڻن جي ڪا اهميت ئي ڪانهي.

نو ٽيڙ ڏه ڏاوڻيون پندرنهن پَٽ پياس،
جڏهن سجڻ ياد پياس، چرڪ ڇنائين هيڪڙي.

سو جڏهن اُٺ کي مالڪ ئي ياد پيو ته سڀ رسا، ڏاوڻيون ڇنائي اچي مالڪ وٽ ٿي پهتو ۽ مالڪ اهڙو ظالم جو هر ڀيري ان کي وري ڪنهن ٻئي واپاريءَ کي وڪڻي پئسا ڪمائيندو رهيو. آخر ۾ جڏهن ڏاڻ تائين ته اُٺ به نٿو مڙي ۽ بدنامي به گهڻي پئي ٿئي ته ڪاسائي کي وڪڻي ڇڏيائين. اسان به انهن اُٺن جان آهيون. ورهين کان وڪرو ٿيندا پيا اچون پر هر ڀيري رسا چنائي ساڳئي مالڪ وٽ پيا پهچون. شايد هڪ ڏينهن جت جي اُٺ جيان اسان جو به 'ڪاٺي هيٺان ڪند' وارو ڪم ٿيندو. جيستائين هوش عقل کان ڪم وٺي پنهنجي نفعي نقصان، ٻري ڀلي ۽ دوست دشمن جي سڃاڻ نه رکنداسين، تيستائين اهو ئي حال رهندو جيڪو صدين کان ٿيندو پيو اچي. هاڻي هتي ڪجهه به محفوظ نه رهيو آهي ٻنيون، ٻيٽ، درياهه، ڪاٺيون، جبل، ٻهاڙ ٻندرگاهون قدرتي وسيلا ۽ روزگار ايستائين جون جانيون به محفوظ ڪين آهن. قانون جي حڪمراني نالي ماتر فقط غريبن لاءِ ۽ ڏاڍي مڙس جي ڏاوڻين کي سپورٽ ڪندڙ. تڏهن ئي ته سنڌ ۾ هر روز لڳ ڪاندارينڊڙ واقعا رونما پيا ٿين. جيڪي قيامت صغرا برپا ڪري ٿا ڇڏين. ڪنهن جو ذڪر ڪري ڪنهن جو ذڪر ڪجي سڄي سنڌ جو سنڌ زخمي آهي. ڪهڙو شهر ڪهڙو ڳوٺ آهي جنهن جي ٻاءِ پاس روئڻ تي به ئي تي ڏينهن ماڻهو لاش رکي انصاف لاءِ ڌرڻا نه هڻندا هجن! ڪنهن تي لکي ڪنهن تي لکجي! سنڌ جي ناميارو شاعر تاجل 'بيوس' جون سٽون آهن ته:

'هڪ قلم هڪڙو مان ڪيئن پورو پوان!
ڇا لکي ڇا لکان ڇا لکي ڇا لکان'

جنهن طرف نهار ڪر ته ظلم جي باهه ٻري پئي. سڌريل ملڪن ۾ استادن کي وڏو مان مرتبو آهي. جاپان ۾ ته استاد جي پاڇي تي پير رکڻ به پاپ سمجهيو وڃي ٿو استاد جنهن کي معاشري جو اڏيندڙ چئجي ٿو ۽ وڏاءُ ته ٿيندو ان جو ته سنڌ ۾ قدرتي اڪيڻ رت جا ڳوڙها ڳاڙين ٿيون. شهدادپور جي استاد عزيز جکرو کي پوليس کيپي وچي لاڪپ کيو ته ڪا ايف آءِ آر نه شڪايت بنا ڪنهن سبب جي استاد کي ڪنيپو ويو ۽ سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو. سوشل ميڊيا تي هلندڙ وڊيو ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته شهيد استاد جي جسم تي تشدد جا ڪارا نيرا داغ صاف نظر اچي رهيا آهن. هي ڪو سنڌ جو رهواسي ته هو جڏهن پوليس کي ڪو وڏو ڏوهاري يا ڪو پارٽي ايجنٽ هٿ اچي ويو هو. مارڻ ڪانپوءِ پوليس استاد جو لاش سرڪاري اسپتال ۾ ڦٽو ڪري هلي وئي. استاد جا وارث به ڏينهن لاش روڊ تي رکي ڌرڻو هڻي ويٺا. هڪ ته ظلم جي حد ٿي وئي ته ڪنهن معزز شهري کي ٿاڻي تي سرڪاري اهلڪار ظالمانه تشدد ڪري ماري ڇڏين ۽ الميو اهو ته ايڏي ظلم ڪانپوءِ به انصاف لاءِ ماڻهو لاش روڊ تي رکي ٿي ڏينهن ڌرڻو هڻي ويٺا ته انصاف ڏيوا انصاف ته جيڪو سو مليو ڏيهه ڏنو پر اُلٽو احتجاج ڪندڙن تي سرڪار ايف آئي آر داخل ڪري ڇڏي! آخر رياستي ادارن کي ڪنهن اختيار ڏنا آهن ته هو ماڻهن کي امن و امان فراهم ڪرڻ بدران انهن کي ڪتيي ماري ڦٽو ڪن! جيستائين پنهنجا فيصلا صحيح رُخ ۾ نه ڪنداسين ۽ ان ظالم واپاري کان ڪنڌ آجو نه ڪنداسين تيستائين اهوئي حال رهندو جنهن مان پاڻ گذرون پيا.

16 نومبر رواداريءَ ۽ برداشت جو عالمي ڏينهن...

'دنيا ۾ عزت ۽ سمجهه کي فروغ ڏيڻ'

سميرا مختيار

الله پاڪ انسان کي اشرف المخلوقات بڻايو آهي. انسان هر مخلوق کان مٿاڻون آهي ۽ ان ئي ڳالهه جو فائدو وٺندي هميشه تڪبر ڪندي پاڻ کان ڪمزور تي حاوي رهڻ اسان گڏ ان تي ڏاڍ به ڪندو رهيو آهي ۽ اگر ٻيو به زوراور رهيو ته برابريءَ تي جڏهن ظُلم ٿيندو رهيو ۽ پوءِ تڪرار ۽ بدلي وٺڻ جي ضد انسان کي انا ۽ بيحسيءَ ۾ مبتلا ڪري ورتو. جيڪو سلسلو اڄ تائين هلندو ٿو اچي. اڄ جي انسان ۾ سهپ، برداشت، صبر ۽ رواداريءَ جو جذبو گهٽ ٿي ويو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو انسانيت جو احساس نه هجڻ ڪري عالمي جنگيون پڻ لڳيون ۽ انسان جي غلط روين کي روڪڻ لاءِ قومن گڏيل ادارو وجود ۾ آيو. هن اداري جو ڪم دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ آهي ۽ امن تڏهن ٿيندو جڏهن هڪ ٻئي کي بنا ڪنهن رنگ، نسل، ٻولي، ثقافت ۽ علائقي جي برداشت ڪري هر ڪنهن جي جدا حيثيت تسليم ڪئي وڃي جو ته انسان پُرامن رهي رواداريءَ سان هلي سگهن. پر پوءِ به دنيا ۾ ڪئي اهڙا مسئلا آهن، جن جي ڪري اختلافات ايڏا ته وڌيل آهن جو رواداري ۽ برداشت ئي ختم ٿي وئي آهي ۽ نتيجو جنگين جي صورت ۾ سامهون اچي رهيو آهي.

1996ع ۾ گڏيل قومن جي اداري جنرل اسيمبليءَ جي ميمبر ملڪن کي 16 نومبر تي رواداريءَ جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جي دعوت ڏني وئي، جنهن جو اعلان 1993ع ۾ اسيمبليءَ پاران ڪيو ويو. يونيسڪو جي شروعات جي جنرل ڪانفرنس تي اعلان ڪيو ويو. 16 نومبر 1995 تي يونيسڪو ميمبر ملڪن، هڪ سال لاءِ رواداريءَ ۽ عمل جي پيرويءَ واري منصوبي تي اصولن جو اعلان منظور ڪيو هيءَ ڪارروائي گڏيل قومن جي رواداريءَ جي سال 1995 جي نتيجي ۾ آئي. گڏيل قومن 16 نومبر تي رواداريءَ جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جي شروعات ڪئي، جنهن ۾ تعليمي ادارن ۽ وسيع عوام ٻنهي لاءِ سرگرميون شامل هيون. ان کان پوءِ هر سال يونيسڪو پاران16 نومبر تي رواداريءَ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي ته جيئن ماڻهن کي سماج ۾ رواداريءَ جي ضرورت بابت تعليم ڏني وڃي ۽ انهن کي عدم برداشت جي منفي اثرن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي پر افسوس جو 1995ع کان 2025ع يعني 3 ڏهاڪا گذرڻ باوجود اڄ به اسين پنهنجي چوڌاريءَ نظر وجهون ٿا ته شرمندگي محسوس ٿي ٿئي ته اسين ڪٿي بيٺل آهيون؟ ڪيترن ئي ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ هلندڙ آهي، جيڪا اڳيان هلي خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري سگهي ٿي. هن وقت سموري دنيا جو سياسي منظرنامو تبديل ٿي چڪو آهي. خودمختاريءَ جا اختيار استعمال ڪندي ٻين جي خودمختياريءَ کي روڪڻ ۽ محدود ڪيو وڃي پيو.

ان جو مثال ڪشمير، يوڪرين سان گڏ فلسطين آهي، جتي رنگ ۽ نسل جي بنياد ته پري جي ڳالهه آهي پر علائقي ۽ خطي جي مالڪيءَ جا ٻيا ڪيترائي وارث بڻجڻ لاءِ ويٺا آهن. انهن وچ ۾ ڪنهن به قسم جي رواداري نظر نٿي اچي. انساني حقن جا ڪارڪن هن ڏينهن کي انساني حقن جي قانونن تي ڳالهائڻ جي موقعي طور استعمال ڪندا آهن، خاص طور تي نفرت انگيز ڏوهن ۽ اقليتن خلاف امتياز تي پابندي ۽ سزا ڏيڻ جي حوالي ڳالهيون ڪندا آهن. انهن جا اڳواڻ برداشت جي اهميت بابت پيغام اهڙي نموني سان ڏيندا آهن جو ان ۾ رواداريءَ يا برداشت بابت گهٽ ۽ شريسنديءَ جو عنصر گهٽو نظر ايندو آهي.

اسين اڄ جي نوجوانن کي ڏسون ٿا ڏک ٿو ٿئي ته هنن ۾ رواداري يا برداشت جو جذبو گهٽ نظر اچي ٿو ننڍي ننڍي ڳالهه تان ويڙهه، مارڪٽائي، جهيڙو شروع ڪيو ڇڏين ٿا. ڪٿي گاڏي لڳي پئي ته شروعات ئي گار گند سان ڪندا ۽ جذباتي ٿيو وڃن ته گوليون به هليو وڃن. دوستن وچ ۾ مذاق مستي وڃي جهيڙي تي ختم ٿئي ٿي. اهو ئي حال وري گهرن ۾ به آهي. وقت تي ماني نه ملي زال کي ماري ماري ادا مئو ڪري ڇڏڻ فرض ٿيندو پر ڪجهه دير صبر ڪرڻ مشڪل ٿيندو. آفيس ۾ دير سان پهتو، آفيسرن جو موجوڙو تيار ملندو پر آفيسر صبر ۽ رواداريءَ جو مظاهرو نه ڪندو ته جيئن هن مظلوم کان وجهه معلوم ڪري سگهجي.

هاڻ ته رت جي رشتن ۾ به برداشت ناهي رهيو ماءُ پٽ سان، پاءُ ڀيڻ سان، مڙس زال وڙهي رهيو آهي هي اهڙو وقت آهي، جڏهن اهي ٻين جي حقن ۽ عقيدن جو احترام ڪرڻ ۽ انهن کي سڃاڻڻ بدران پنهنجو پاڻ کي اهميت ڏيڻ پسند ڪيون ٿا اهو عدم برداشت جي منفي اثرن تي غور ۽ بحث جو وقت پڻ آهي. هن ڏينهن تي سڄي دنيا ۾ ان ڳالهه تي ڌيان ڏنو ويندو آهي ته ناانصافي، ظلم، نسل پرستي ۽ غير منصفاڻي امتياز جا مختلف روپ سماج تي ڪيئن منفي اثر وجهن ٿا.

رواداريءَ جي اهميت جو هڪ بنيادي مقصد دنيا جي مختلف نسلي گروهن ۽ مذهبن ۾ سمجهه ۽ قبوليت کي فروغ ڏيڻ آهي. اڄ وڌندڙ تشدد جديد دنيا ۾ رواداريءَ جي ضرورت کي نه صرف اجاگر ڪيو آهي پر اڄ جي دنيا ۾ هڪ ضرورت پڻ آهي. قبوليت کي فروغ ڏيڻ ۽ تشدد کي روڪڻ لاءِ رياستن کي بنيادي انساني حقن ۽ منصفاڻي سلوڪ جي حفاظت ڪندڙ قانون لاڳو ڪرڻ گهرجن.

منصفاڻي سلوڪ ۽ برابر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ نوان قانون ناهين. هڪ اهڙي دنيا ۾ جتي عدم برداشت، تشدد، دهشتگردي ۽ نسل پرستي وڌي رهي آهي، اسان اڄ دنيا جي نسلي، نسلي، مذهبي، لساني ۽ مهاجر اقليتن، انهيءَ سان گڏ پناهگيرن ۽ مختلف ثقافتن جي ميمبرن ۾ اعتماد ۽ قبوليت پيدا ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي محنت ۽ وقت جي ضرورت پوندي. جهالت، گهٻراهٽ ۽ عدم برداشت جا واقف ذريعا آهن. عدم برداشت وارا ماڻهو پنهنجي اهميت ۽ برتريءَ جا وڌايل خيال رکن ٿا.

هن سال جي رواداريءَ جي عالمي ڏينهن جو موضوع آهي "اتحاد، نفرت انگيز تقرير سان وڙهڻ ۽ سماجي شموليت کي فروغ ڏيڻ کي اجاگر ڪرڻ. ثقافتن جي وچ ۾ پُل ناهڻ ۽ پُرامن گڏيل بقا جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ"

هن سال جي رواداريءَ جو عالمي ڏينهن امن ۽ انساني ترقيءَ لاءِ بنيادي قدرن جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه، همدردي، ۽ اختلافن جي فعال احترام کي فروغ ڏيڻ جاري رکڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي ٻارن کي پنهنجن حقن کي برابريءَ سان قائم رکڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ ڪين سمجهايو وڃي ته جيئن اوهان جا اهميت رکندڙ آهن، اٿين ٻين جا حق به اهم آهن. برداشت ۽ رواداريءَ جو مظاهرو ڪيو. پنهنجي ذات، پنهنجي سماج، پنهنجي معاشري ۽ ملڪ کي امن جو گهوارو بڻائڻ لاءِ نه رڳو برداشت، درگزر ۽ رواداريءَ جو مظاهرو ڪرڻو پوندو پر ان رواداريءَ کي ايندڙ نسلن ۾ به منتقل ڪرڻو پوندو. تڏهن ئي اسين هڪ بهترين معاشرو قائم ڪري پنهنجي مستقبل کي محفوظ ڪري سگهنداسين. رب پاڪ کان دعا آهي ته هُو ڪُل جهان جو امن برقرار رکي ۽ سيني جي حفاظت ڪري. آمين!!

ڊان اخبار ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس (AI)جو استعمال: خطرو يا نئون دور؟

غلام فاروق

پاڪستان جي مشهور ۽ انگريزي اخبار ڊان (DAWN)، جيڪا سالن کان آزاد ۽ ايماندار رپورٽنگ لاءِ سڃاتي وڃي ٿي، تازو ان تي وڏو بحث ٿي رهيو آهي. 12 نومبر 2025ع تي اخبار جي پرنٽ ايڊيشن ۾ جيٽ جي ٽِي پي مان تيار ٿيل هڪ اي آءِ پيغام غلطيءَ سان ڇپجي ويو. اهو پيغام هڪ معمولي ڪاروباري رپورٽ ۾ شامل هو ۽ پڙهندڙن لاءِ عجيب لڳو وڏي ۽ اهم اخبار ۾ اهڙي قسم جي غلطي صرف ايڊيٽوريل مسئلو نه هو پر اها ساڳي غلطي سوشل ميڊيا تي پڻ وائرل ٿي وئي. ماڻهن اخبار کي سخت تنقيد جو نشانو بڻايو جنهن ڪري اداري کي عوام کان معافي وٺڻي پئي ۽ اداري پنهنجي اندر تحقيق يا جاچ شروع ڪري ڇڏي. اهو واقعو صحافت ۾ AIجي ٻٽي اثر کي ظاهر ڪري ٿو، جو ته: هڪ طرف اهو اوزار رپورٽن کي تيز ۽ موثر بڻائي سگهي ٿو پر ٻئي طرف بغير نگرانيءَ جي استعمال صحافتي معيار تي سنگين اثر وجهي سگهي ٿو. پريس ادارن جي پاليسين ۾ واضح ٿيل آهي ته AIاوزارن کي بغير انساني نگرانيءَ جي مواد ناهڻ يا ايڊيٽ ڪرڻ لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي.

اي آءِ جا حامي، جن ۾ پاڪستاني ميڊيا جا ڪجهه ماهر شامل آهن، ان کي جدت جو نئون دروازو چون ٿا. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي ميڊيا وسيلن جي کوٽ ۽ گهٽجندڙ اشتهاري آمدنيءَ سان مقابلو ڪري رهي آهي، اتي اي آءِ رپورٽن جا ابتدائي خاڪا تيار ڪرڻ، ڊيٽا کي ترتيب ڏيڻ ۽ سُرخيون ناهڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو اهو رپورٽرن کي روزمره ۽ معمول جي ڪم کان آزاد ڪري سگهي ٿو ته جيئن اهي وڌيڪ تحقيقاتي ۽ تفصيلي ڪهاڻين تي ڌيان ڏئي سگهن. عالمي سطح تي ڊيٽا تي ٻڌل رپورٽنگ لاءِ آٽوتليٽس جهڙوڪ ايسوسيئيٽيڊ پريس 2014 کان اي آءِ استعمال ڪري رهي آهي ۽ هر سال هزارين درست ڪهاڻيون تيار ڪري رهيا آهن. بغير معيار جي نقصان پهچائڻ جي.

ٻئي طرف هڪ مشهور اداري جي غلطيءَ تي عوامي ردعمل ظاهر ڪري ٿو ته ڪيترائي ماڻهو ڊپ ۾ ورتل آهن ته AIانساني صحافت کي ختم ڪري سگهي ٿو اهو واقعو صرف ٽيڪنيڪل غلطي نه هو پر اهو بي پرواهيءَ سان اي آءِ استعمال ڪرڻ کي ظاهر ڪري رهيو آهي. سوشل ميڊيا تي ڪيترن ئي ماڻهن اداري تي طنز ۽ سخت ردعمل ڏنو هڪ واهيپدار ٽوئيٽ ڪيو ته "ڊان هاڻي اخبار نه آهي، اهو هڪ بوٽ جي رف ڊرافٽ جو شاندار پرنٽ آئوٽ آهي." صحافي اماره احمد ايڪس (اڳوڻي ٽوئيٽر) تي لکيو ته "ڊان جو چيٽ جي پي ٽي استعمال هاڻي عالمي مذاق آهي. هڪ پڙهندڙ تبصرو ڪيو ته "اي آءِ شايد مددگار هجي پر ڊان جي اعتماد ۽ شُهرت کي خطرناڪ طريقي سان متاثر ڪيو آهي." ٻئي واهيپدار چيو: "ڊان جي غلطي ڏيکاري ٿي ته بغير نگراني جي AIاستعمال صحافت لاءِ نقصانڪار ٿي سگهي ٿو."

ڊان جي جلدي معافي ۽ اندروني جاچ وٺڻ واري عمل ڏيکاري ٿو ته اخبار ذميواريءَ سان ڪم ڪرڻ چاهي ٿي، پر ان جي شهرت تي اثر پيو. پاڪستاني ميڊيا لاءِ جيڪا اڳ ۾ ئي سياسي دٻاءُ، مالي مشڪلاتن ۽ سينسرشپ سان مقابلو ڪري رهي آهي، اهو واقعو هڪ اهم سبق آهي. جيڪڏهن ادارو پنهنجي اي آءِ پاليسي کي شفاف ۽ محفوظ بڻائي ٿو ۽ مدد ٿيل مواد کي واضح ليبل ڪري تربيت ۾ سيڙپڪاري ڪري ۽ انساني نگرانيءَ کي ترجيح ڏئي ٿو ته اهو هڪ مضبوط ۽ جديد صحافتي ماڊل ناهي سگهي ٿو جيڪو روايتي صحافت جي اصولن کي برقرار رکندي جديد دور ۾ اڳتي وڌڻ جو رستو بڻجي سگهي ٿو.

پر جيڪڏهن ماڻهن جي تنقيد ۽ خبرداريءَ کي نظرانداز ڪيو ويو ته خطرو حقيقي آهي: انساني آواز ۽ تجزئي جي جاءِ خودڪار سوچ ۽ الگورٿم وٺي سگهي ٿو. حقيقي امتحان اهو آهي ته اخبار AIکي ڪيئن عقلمندي ۽ ذميواريءَ سان استعمال ڪري ٿي صحيح طريقو اختيار ڪيو وڃي ته AIصحافت لاءِ نئين دور جو آغاز ٿي سگهي ٿو پر لاپرواهي ڪرڻ سان اعتماد ۽ شهرت کي نقصان پهچڻ جو خطرو آهي.

اداري جو اهو تجربو دنيا جي ميڊيا لاءِ هڪ سبق آهي ته: اي آءِ هڪ طاقتور اوزار آهي پر ان کي صرف تربيت يافته رپورٽرن ۽ ايڊيٽرن جي نگرانيءَ ۾ استعمال ڪرڻ صحافت جي معيار لاءِ ضروري آهي. مستقبل ۾ صحافت لاءِ اي آءِ نه ته خطرو آهي، نه ئي صرف سهولت، پر اهو هڪ اوزار آهي، جيڪو عقل، احتياط ۽ اخلاقي ذميواريءَ سان استعمال ٿيڻ گهرجي.

(نوٽ: ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (Ai)(يونيمارڪوني يونيورسٽي اٽلي) ايڊيشنل ڊائريڪٽر ريسرچ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ اڪيڊمي ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آهي)

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب IVth سول جج اينڊ جي.ايم حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1455 سال 2025
مسمات ڪرن ڌيءُ شفيق احمد....پلينٽف...خلاف: سلامت علي پٽ شفيع محمد رهندڙ نظر محلا لاڙڪاڻو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 25-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب VIIth ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر209 سال 2025
(1) مسمات تبسم بيواهه ريحان هاليپوٽو (2) انشرا ڌيءُ ريحان هاليپوٽو (3) ابصار ڌيءُ ريحان هاليپوٽو بالغ مسلم ذات هاليپوٽو (4) زنيرا ڌيءُ ريحان هاليپوٽو (5) اولاڪا ڌيءُ ريحان هاليپوٽو (6) محمد عامر هاليپوٽو ايپليڪينٽ نمبر4 کان 6 مسلم مائنر معرفت سندس مدر ايپليڪينٽ نمبر01 بيئرنگ گارڊين ايڊلٽم سڀ رهندڙ هائوس نمبر74 محلا عبدالله ٽائون قاسم آباد حيدرآباد....ايپليڪينٽ

نالي مٿين آپونينٽس/ سمورن واسطيدارن ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سڪسيشن ايپليڪيشن يو/ايس 372 اينڊ 378 آف سڪسيشن ايڪٽ اِن ريسپيڪٽ آف شيڊيول آف سيڪيورٽيز/ڊيبٽس فوتي ريحان هاليپوٽو پٽ شجاع الدين تاريخ وفات 2-5-2019 حيدرآباد شناختي ڪارڊ نمبر: 5-41306-7411445 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 20-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

VIIth ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر Nill سال 2025
مسمات انيسه سرور ملاح...پلينٽف...خلاف:راشد علي پٽ خادم حسين ملاح مسلم بالغ رهندڙ ٻاڙو سڪندر آباد هري ڪيمپ ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سيل نمبر: 3941021-0348....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 26-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر ڪوسو)
گارڊين ايپليڪيشن نمبر 27 سال 2025
مسمات ساجده زال نور احمد مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ محمد بخش ناريجو پي.او پٽيون ديهه-81 تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص حال رهندڙ سمن آباد ڪالوني ڪپرو ناڪا ضلعو ميرپورخاص پي.ايس مهراڻ سيل نمبر: 1310643-0316...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) نور احمد پٽ احمد خان مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ محمد بخش ناريجو پي.او پٽيون ديهه-81 تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص حال رهندڙ سمن آباد ڪالوني ڪپرو ناڪا ضلعو ميرپورخاص (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.... آپونينٽس...مائنر: امائمه ڌيءُ نور احمد

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين ايپليڪيشن يو/ايس 7، 10 اينڊ29 آف دي گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 24-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص

عام اطلاع

اسان وٽ نالي ممتاز علي والد جمعون خان ذات چاچڙ ڳوٺ پير محمد چاچڙ ديهه آمري تعلقو ٽنڊوالهيار ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار درخواست ڪئي آهي ته سندس والد نالي جمعون خان ولد محمد خان جيڪو تاريخ05-11-1988 تي وفات ڪري ويو آهي پيو منهنجي والده نالي ڪٽو زال جمعون خان جيڪا تاريخ 10-12-1999 تي وفات ڪري وئي آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ (1)نالي منثار ساند ولد محمد صديق ساند شناختي ڪارڊ نمبر 1-41307-5238072 (2) محمد عرس ساند ولد محمد صديق شناختي ڪارڊ نمبر 5-41307-2787328 بيان ڏنو آهي ته عرضدار گهر ڪٽي آهي ته سندس والد نالي جمعون خان ولد محمد خان ۽ والده نالي ڪٽو زال جمعون خان جو فوتي سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي جنهن جي تصديق حد جي ڪائونسلر نظير احمد قاضي ۽ 17 گريڊ جي آفيسر جي تصديق موجود آهي ان ڪري سڀني عام ۽ خاص کي اطلاع ڪجي ٿو ته فوتي جي فوتي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ يا مٿي ڪنهن به قسم جي غلط بياني جي باري ۾ ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته هن اشتهار جي اشاعت جي ستن07 ڏينهن اندر يونين ڪائونسل آفيس ۾ ثبوتن سان گڏ روبرو يا لکت ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ کانپوءِ گهربل سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو بعد ۾ ڪا به حجت نه ٻڌي ويندي ۽ انهي بيان ۾ ڪا به غلط بياني ثابت ٿي ته انهي جي ذميواري تصديق ڪندڙ ۽ شاهد هوندا.

سيڪريٽري، يو سي شاهه عنايت رضوي

بقايا 1 — نوجوان فوت

خيرپور واسي نوجوان مجاهد حسين پٽ خان محمد ٻرڙو ٿلڍي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس ڀاءُ نزاڪت علي ۽ سئوٽ امجد علي ٻرڙو سخت زخمي ٿي پيا. حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جو لاش ۽ زخمين کي ڪٺائي لکي تعلقه اسپتال آندو ويو جتان فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته زخمين کي سکر نيو ويو جتي زخمي امجد ٻرڙو جي حالت پڻ نازڪ ٻڌائي پئي وڃي ٻڌايو پيو وڃي ته خيرپور لڳ ڳوٺ شهداد ٻرڙو واسي چاچي ڳوٺ کان مڱڻجي شادي تي اچي رهيا هئا ته لکي پرسان ڪوسا پوليس پڪيٽ وٽ ساڻن حادثو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ نوجوان فوت ۽ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا چاچين سان پيش آيل اهڙي افسوسناڪ حادثي بعد سندن شاديءَ جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون

بقايا 2 — سڙي رک

ڪاغزات،ڪپڙي ڏوڻ جو 4 مشينون به سڙي، ويون آهن اسان سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان جي مدد ڪئي وڃي

بقايا 3 — سامان ٻهاري ويا

ٻاهران ٻلال [illegible] چنگڇي واري جي وڻ کو ڦاٿيو موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا

بقايا 4 — احتجاجي مظاهرو

تنگ ڪرائي رهيا آهن هنن ڌانهيو ته سيڪارجا پوليس به هنن جي ڊر ٻڌيل آهي هاڻي هو اسان کي هاريءَ واري زمين به ڪاهڻ نه ٿا ڏين چوڻ اسان غريب ٻي پهچ مسڪين پورهيت آهيون هنن چيو ته اسان علائقي جي نيڪ مرد کي به ڌانهون ڏنيون آهن پر ڪير به بااثرن کي چوڻ لاءِ تيار ناهي هنن وڌيڪ چيو ته هاڻي هو اسان کي ڳوٺ مان لڏائڻ لاءِ ڌمڪايون رهيا آهن هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 5 — آءِ يو ٽي جو دورو

تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي.ان موقعي تي اسپتال انتظاميا پاران اسپيڪر کي مختلف شعبن جي ڪارڪردگي، جاري ترقياتي منصوبن ۽ مستقبل جي رٿائن بابت بريفنگ ڏني وئي. سيد اويس قادر شاهه ترقياتي ڪم جي رفتار تي اطمينان جو اظهار ڪندي هدايت ڪئي ته اهي ڪم مقرر مدي اندر مڪمل ڪيا وڃن.هن ...

بقايا 10 — لاڏاڻو ڪري ويو

سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين لالا برڪت بلوچ، سيد اياز شاهه بخاري، حبيب الرحمان پاڱٽ، غلام نبي حالتي، محمد رمضان جنڪوڙيجي، سجاد علي ٽنيو ۽ ٻين شرڪت پڻ ڪئي، مرحوم جو مڙهه جنازي نماز بعد سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو، جڏهن ته سينيئر صحافي بشير احمد شيخ سان سنڌس سٽوٽ جي لاڏاڻي تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ،صحافين،شهرين ۽ شيخ برادري اظهار تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي.

بقايا 11 — ضمانت منظور

شهدادپور پوليس جي تشدد ۾ فوت ٿي ويو وارثن پاران نيشنل قومي شاهراهه ريهه ڪلاڪ روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو هيو ـ ڌرڻي هٽڻ جي نتيجي ۾ هالا پوليس جي ايس ايڇ او ڏارو خان پٽي جي فرياد تي عزيز جکرو جي وارثن تي ڊيوٽي آڪڏاءِ ۽ هوائي فائرنگ جو ڪيس داخل ڪيو هيو.

بقايا 12 — لکين روپين نقصان

جا گهر سڙي رک ٿي ويا آهن اسان گهرن مان رڳو ٻچا ٻاهر ڪڍي سگهيا آهيون بيو سڀ ڪجهه باهه جي ور چڙهي ويو آهي هنن ڊي سي دادو ٻين لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي ته اسان جي واهر ڪئي وڃي هوڏانهن ميهڙ جي وچ شهر گاهي مهيسر روڊ تي ٽي وي اسٽيج جي فنڪار منثار علي ٻگهيو خورشيد احمد ٻگهيو جي موبائل جي دوڪان کي اوچتو باهه لڳي وئي. جنهن سبب دوڪان ۾ پيل لکين روپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو واقعي واري هنڌ دوڪاندار ۽ شهري گڏ ٿي ويا. اطلاع تي فائربرگيڊ پهتي 1ڏ ڪلاڪ جي جدوجهد کانپوءِ باهه تي ڪنٽرول ڪري وڌيڪ نقصان کان بچايو ويو باهه متاثر دوڪاندار چيو ته منهنجو دوڪان ۾ پيل سامان سڙي رک ٿي ويو اسان جي واهر ڪئي وڃي

بقايا 13 — امر رباب چانڊيو

سمورن جوابدارن کي حيدرآباد جيل کان دادو عدالت آندو ويو دادو عدالت ۾ وڪيلن پاران27 ترميم خلاف عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ سبب ڪيس جي ٻڌڻي 22 نومبر تائين ملتوي ڪئي وئي عدالت ٻاهريان امر رباب چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ عدالت ۾ 27 ترميم ...

بقايا 19 — لاڏاڻو ڪري وئي

فڪر سان لاڳاپيل فردن ۽ سياسي سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي ـ مرحوما جو ٽڏو هالا پراڻا جي ڪوڏار محلي ۾ رکيايو ويو آهي جتي سينئر صحافي دادا اختر ميمڻ صحافي جواد ميمڻ ۽ ٻين سان هٿ فاتحا جاري آهي ـ

بقايا 20 — گرفتار جي دعويٰ

علي حيدر گوپانگ کي مبينه گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته هڪ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب گرفتار منشيات فروشن جي قبضي مان 12000 هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي اڳڙا ٿاڻي تي سندن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو رابطي ڪرڻ تي اڳڙا پوليس ٻڌايو ته معمول مطابق گشت دوران هنن همراهن تي نظر پئي جيڪي موٽر سائيڪل تي اچي رهيا هيا جن کي روڪيو سين پر نه بيٺا جن جو پيڇو ڪري کين کي قابو ڪيوسين تلاشيءَ دوران سندن جي قبضي مان پنگ سان پريل ڪٿي سميت گرفتار ڪري ورتوآهي گرفتار جوابدارن ۾ محمد عظيم گوپانگ علي حيدر گوپانگ جڏهن ته هڪ جوابدار الاهي بخش ڪورائي فرارٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولا جاري آهي فرار ٿيل جوابدار کي جلد گرفتار ڪيو ويندو ياد رهي ته منشيات وڪرو ڪندڙ معاشري لاءِ ناسور بڻجي ويا آهن ڪٿي ٿي ڪوڻه ٿي پلپرائي ڪنڌڻ جو گهيراءُ ڪيو وڃي

بقايا 21 — زرعي سيمينار

طبقو فائدو وٺندو هن چيو ته سنڌ جي زميندارن ۽ هارين کي هن کان اڳ ۾ جيڪي فصل لڳايا اهن هنن ۾ هنن کي مالي نقصان پهتو آهي جن کي مالي مدد لاءِ هي اسڪيم ڏئي رهيا آهيون . انهيءَ موقعي چيئرمين ضلعي ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور چيو ته سنڌ حڪومت طرفان عوام کي ايگريڪلچرل جي حوالي سان فائدو ملي رهيو آهي هن چيو ته پيپلز پارٽيءَ جي اها ڪوشش رهي آهي ڏميدارن ۽ هارين کي سهولت ڏني وڃي . انهيءَ موقعي تي چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهوڙا باري محمد رمضان پنهور وائيس چيئرمين ممتاز شورو . چيئرمين غلام نبي شيخ پڻ تقريرون ڪيون .14.11.2025

بقايا 22 — ٽورناميٽ منعقد

ٻنهي ۾ شاندار فتح حاصل ڪئي لڳاتار بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندي جناح ...

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس
(EPADS) معرفت سنگل اسٽيج ون انويلپ طريقيڪار

SPPRA رول 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) مطابق سمورن اهل دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن/فرمن/ڌرين وغيره کان هيٺ ڄاڻايل ڪم واسطي اِي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) معرفت سنگل اسٽيج ون انويلپ طريقيڪار SPPRA رول (I)46 مطابق واڪ گهرائجن ٿا.

S#	آرٽيڪل جو تفصيل	تعداد	واڪ طريقيڪار	واڪ سيڪيورٽي	کولڻ جي تاريخ	ٽينڊر جي فيس
.01	اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU) لاءِ گاڏين جي مرمت ۽ اپگريڊيشن آف وهيڪل مائونٽيڊ جيمرز	6	سنگل اسٽيج ون انويلپ طريقيڪارSPPRA رول (I)46 وڌيڪ ڪارائتو واڪ	آڇيل واڪ جو 5%	05-12-2025	2000 رپيا

شرط ۽ ضابطا:

1. ٽينڊر جو شيڊيول هيٺ ڏجي ٿو

درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊر جو اجراءِ	اشاعت جي تاريخ کان 05-12-2025 تي 1300 وڳي تائين	اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU) هيڊ ڪوارٽر، حسن اسڪوائر، ويجهو ايڪسپو سينٽر، ڪراچي
واڪن جي اماڻڻ لاءِ آخري تاريخ	05-12-2025 تي 1430 وڳي تائين	فقط EPAD سسٽم معرفت
ٽينڊر جو کولڻ	05-12-2025 تي 1500 وڳي تائين	فقط EPAD سسٽم معرفت

2. واڪ ڪاغذ EPADS ويب سائيٽ (portalsindh.eprocure.gov.pk) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
3. ڄاڻايل قيمت جو 5 سيڪڙو جي مساوي واڪ سيڪيورٽي ڪنهن شيڊيول بينڪ مان ڪمپني/فرم جي اڪائونٽ تي بحق AIGP/سيڪيورٽي SSU ڪراچي ٽينڊر/واڪ دستاويزن سان اهليت معيار (فنانشل) موجب لازمي شامل هئڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ ٽينڊر رد ڪيا ويندا.
4. سمورن ڪاغذن ۽ واڪ سيڪيورٽي جو پي آرڊر/بينڪ گارنٽي/CDR جي فوٽو ڪاپي جو سيٽ آفيس آف دي ڪمانڊنٽ اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU) ويجهو حسن اسڪوائر ڪراچي ۾ واڪن جي اماڻڻ جي آخري تاريخ کان اڳ جمع ڪرائڻ جو مشورو ڏجي ٿو
5. ٽينڊر سامهون مٿي ڄاڻايل ٽينڊر فِي جي اصل انسٽرومينٽ روڪ ادائگي (ناقابل واپسي) تي ۽ ڄاڻايل قيمت جو 5 سيڪڙو واڪ سيڪيورٽي پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ /CDR جي صورت ۾ (اصل ۾) اماڻڻ لاءِ ۽ اهي لازمي طرح اِي واڪن جي اماڻڻ لاءِ آخري تاريخ کان اڳ پروڪيورنگ ايجنسي وٽ پهچڻ گهرجن. جيڪي ساڳئي ڏينهن 1500 وڳي ايڊريس، آفيس آف دي ڪمانڊنٽ اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU)، هيڊ ڪوارٽر، حسن اسڪوائر، ويجهو ايڪسپو سينٽر ڪراچي ۾ سمورن پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي ڪميٽي ميمبرن توڙي موجودگي جي خواهشمند اهڙن ٺيڪيدارن/ڌرين/فرمن/واڪ ڏيندڙن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا.
6. فقط EPADS معرفت اليڪٽرانڪ واڪ جمع ڪرائڻ گهرجن. خواهشمند واڪ ڏيندڙن کي EPAD سسٽم تي لنڪ: https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي پنهنجو پاڻ کي اليڪٽرانڪ واڪن جي اماڻڻ لاءِ رجسٽرڊ ڪرائڻ گهربل آهي.
7. جيڪڏهن ٽينڊر ۾ ڪو ڪوڙو ڪاغذ مليو ته ان کي بنا معاوضي جي منسوخ/رد ڪيو ويندو. ساڻ قاعدن موجب ڏنڊ.
8. ٽينڊرن سان لاڳاپيل ڪنهن به قسم جي (سفارش يا لابنگ) تي سختي سان پابندي هوندي ۽ اهي ٺيڪيدار جن بابت رپورٽ ٿئي ته هو (سفارش / لابنگ)۾ ملوث آهن ته انهن جا ٽينڊر رد ڪيا ويندا.
9. مرمتي ڪم جي مڪمل ڪرڻ جو وقت ورڪ آرڊر جاري ٿيڻ کانپوءِ 30 ڏينهن هوندو
10. پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي رول 25 تحت واسطيدار فقرن جي شرط سان واڪ يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت تي ڪنهن هڪ يا سڀني واڪ/ٽينڊرن کي رد ڪري سگهي ٿي.
11. واڪ جو ڪارگر مدو 90 ڏينهن.

هيٺين شرطن تحت واڪ رد ڪيا ويندا:
i. شرطيه ۽ ٽيليگرافڪ واڪ/ٽينڊر.
ii. واڪ سيڪيورٽي يا گهربل رقم ۽ صورت کانسواءِ واڪ.
iii. مقرر ٿيل تاريخ ۽ وقت کانپوءِ وصول ٿيل واڪ.
iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرمن جا واڪ.
v. ٽينڊر جن ۾ اوور رائيٽنگ هوندي تن تي غور نه ڪيو ويندو/نااهل ٿيندا.
vi. سرڪاري قاعدن/پاليسي خلاف شرطيه ٽينڊر غور حاصل نه ڪندا.

رابطي جا تفصيل:
(ٽيليفون: 021-99244642، فيڪس: 021-99243865)

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
سپرنٽينڊنٽ آف پوليس،
اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU)
سنڌ پوليس، ڪراچي

i WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY.No.3796/2025

FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION
PUBLIC NOTICE

F.1/4/2025-T&S-Coord. (Phase-VI/2025) — Islamabad the 12th November, 2025

Subject: CONDUCT OF EXAMS/ TESTS BY FPSC W.E.F. 22.11.2025

Federal Public Service Commission will hold exams/ tests in the following cases **from 22.11.2025 to 27.11.2025**

(I)	CASES IN WHICH SCREENING (MCQ) TEST WILL BE HELD						
1.	F.4-115/2025-R	2.	F.4-116/2025-R	3.	F.4-117/2025-R	4.	F.4-118/2025-R
5.	F.4-119/2025-R	6.	F.4-120/2025-R	7.	F.4-121/2025-R	8.	F.4-122/2025-R
9.	F.4-123/2025-R	10.	F.4-124/2025-R	11.	F.4-125/2025-R	12.	F.4-126/2025-R
13.	F.4-127/2025-R	14.	F.4-128/2025-R	15.	F.4-129/2025-R	16.	F.4-130/2025-R
17.	F.4-131/2025-R	18.	F.4-132/2025-R	19.	F.4-133/2025-R	20.	F.4-135/2025-R
21.	F.4-136/2025-R	22.	F.4-137/2025-R	23.	F.4-138/2025-R	24.	F.4-139/2025-R
25.	F.4-140/2025-R	26.	F.4-141/2025-R	27.	F.4-142/2025-R	28.	F.4-143/2025-R
29.	F.4-144/2025-R	30.	F.4-145/2025-R	-	-	-	-
(II)	CASE IN WHICH 2ND STAGE WRITTEN (DESCRIPTIVE) TEST WILL BE HELD						
1.	F.4-158/2024-R	-	-	-	-	-	-
(III)	DEPARTMENTAL PROMOTIONAL EXAMINATION FOR THE POST OF INSPECTOR INLAND REVENUE, FBR						
1.	F.4-900/2025-R	-	-	-	-	-	-

2. Above exams/ tests will be held simultaneously at D.I.Khan, Gilgit, Gujranwala, Hyderabad, Islamabad, Karachi, Lahore, Multan, Peshawar, Quetta, Rawalpindi, Skardu & Sukkur.

3. For above scheduled exams/ tests, Admission Certificates of all registered candidates and Time Table etc., have been uploaded on FPSC's website www.fpsc.gov.pk. The candidates are advised to visit FPSC's website to get print out of their respective Admission Certificates and to appear at the allocated centres according to the scheduled date and time alongwith their Original CNIC.

4. For further clarification / details, if any, the candidates may contact on Phone No. 051-9212427 and UAN 051-111-000-248 during working hours.

PID (I)4092/25

DAD (T&S)

لکي غلام شاهه پرسان ڇاڇين سان روڊ حادثو، هڪ نوجوان فوت، 2 ڄڻا زخمي، خوشيون ماتم ۾ تبديل

سکر - لاڙڪاڻو قومي شاهراهه تي ڪوسا پوليس پڪٽ وٽ حادثي ۾ مجاهد حسين ٻرڙو ڦٽڙ ٿي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ سندس ڀاءُ نزاڪت علي ۽ سئوٽ امجد علي ٻرڙو سخت زخمي ٿي پيا. لاش ۽ زخمين کي اسپتال آندو ويو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، زخمين کي نازڪ حالت ۾ سکر اسپتال ريفر ڪيو ويو

لکي غلام شاهه(رپورٽ عبدالرزاق مهر) لکي غلام شاهه ٿاڻي جي حد سکر - لاڙڪاڻو قومي شاهراهه تي تيز رفتار موٽرسائيڪل سامهون کان ايندڙ ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي، حادثي جي نتيجي ۾
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: گهرن کي لڳل باهه سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

لکي غلام شاهه لڳ 6 پورهيتن جي گهرن کي باهه، الهه تلهه سڙي رک

نيوعاقل واسي ساڄن، پريو، دلدار، اڪشي، ڦول، سرواڻ باگڙي جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

باهه سبب گهرن ۾ پيل الهه تلهه رک ٿي ويو آهي، اسان جي مدد ڪئي وڃي: متاثرين

لکي غلام شاهه(ن ع) لکي نيوعاقل هندوباگڙي جي ڪالونيءَ ۾ گهرن کي اوچتو باهه لڳي وئي 6 گهر سڙي رک ٿي ويا متاثرن ۾ ساڄن پريو دلدان اڪشي ولد ڪنور رام باگڙي، ڦول ولد ڏوڙهي باگڙي، سرواڻ ولد رام داس جا گهر سڙي رک ٿي ويا متاثرن ڏاهيندي چيو ته اسان سموري سامان سڙي ويو آهي ضلعي انتظام کي اپيل ڪاڪريون ته ٻن نياڻي جو سمورو ڏاج سڙي ويو ۽ 2 لک روڪ شادي جارڪيل هئا 30 ڪٽون 3 بيڪيون 6 سولر پليٽون سولر 5 جا پکا، پالسي جا ڪاغذات هڪ موٽرسائيڪل ۽ موٽرسائيڪل جا
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

شهدادپور واسي جي گهران چور روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ٻهاري ويا

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ نئي آيل ايس ايڇ او کي تحفو شهدادپور جي ميمڻ پاڙي مان نامعلوم چور گهر ڌڻي شادي دعوت ۾ ويل هئا ته پويان فريد ميمڻ جي گهر مان تالا ٽوڙي روڪ رقم ايل سي ڊي روڪ رقم بيٽري ۽ ٻيو سامان ٻهاري ويا واقعي جي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي هوڏانهن نامعلوم چاٻي چور انصاف سٽي پلازه
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ وڪيلن جو ستاويهين آئيني ترميم خلاف ڪنوينشن دوران هنگامو، ڪيترائي وڪيل زخمي

ڪنوينشن ۾ عامر وڙائچ، حسيب جمالي، قربان ملاڻو سميت پوري سنڌ مان هزارين وڪيلن جي شرڪت

وڪيلن پاران چيف جسٽس سپريم ڪورٽ کي هفتي اندر 26 ۽ 27 ترميم خلاف داخل پٽيشن ٻڌڻ جو مطالبو

ترميمون ختم نه ٿيڻ جي صورت ۾ پوري ملڪ ۾ وڪيل سخت احتجاجي تحريڪ شروع ڪندا: اڳواڻ

ڪنوينشن ۾ تقريرن دوران نامعلوم پرائيويٽ ماڻهن جي حملي ۾ صدر قربان ملاڻو ۽ ٻيا وڪيل زخمي

سکر(بيورو رپورٽ) ستاويهين آئيني ترميم خلاف سکر ۾ وڪيلن جو ڪنوينشن، سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عامر وڙائچ حسيب جمالي، قربان ملاڻو سميت پوري سنڌ مان هزارين وڪيلن جي شرڪت، چيف
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ڳالهائي رهيو آهي

ننگرپارڪر لڳ هاءِ اسڪول جي استاد پاران شاگردن نازيبا حرڪتن جي وڊيو وائرل

ڳوٺ ڏگهوسر ۾ بوائز هاءِ اسڪول جي استاد سريش شاگردن سان حرڪتون ڪري وڊيو وائرل ڪيون

وزير تعليم نوٽيس وٺي واقعي جي انڪوائري ڪرائي ڄاڻايل استاد کي سخت سزا ڏني وڃي: ڳوٺاڻا

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڏگهوسر ۾ بوائز هاءِ اسڪول ڏگهوسر هاليپوٽا ۾ شاگردن کي پڙهائيندڙ جي اي ايس ٽي سريش ميگهواڙ طرفان شاگردن سان نازيبا حرڪتون ڪرڻ شاگردن کي بليڪ ميل ڪرڻ جون وڊيو ۽ آڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويون آهن جنهن بعد ساڄاهه وند ڏرين طرفان استاد جي اهڙي حرڪتن تي افسوس جو اظهار ڪندي استاد کي سزا ڏيڻ جي گهر ڪئي وئي آهي ٻي طرف الزام هيٺ آيل استاد سريش صحافين کي ٻڌايو ته مون صرف شاگردن سان فون تي ڳالهايو هو مون اهڙي ڪا به حرڪت ناهي ڪئي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران زال کي ڪارنهن الزام ۾ قتل ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) آباد ٿاڻي جي حد گٺگ واهه واري علائقي ۾ ڪارهن جي ڪوڙو الزام هيٺ قتل ڪيل عورت جي قاتل مڙس پوليس گرفتار ڪري ورتو ترجمان سکر پوليس موجب گٺگ واهه واري علائقي شر ڳوٺ ۾ زال کي بي رحمي سان قتل ڪندڙ سفاڪ قاتل مڙس کي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي لڳ پورهيت هيوي وولٽيج تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت زخمي

ڳوٺ شفيع محمد واسي پورهيت غلام نبي نوحاڻي کي زمين تي ڪم ڪندي ڪرنٽ لڳو

پورهيت کي وارث تعلقي اسپتال ڪڻي آيا جتان نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان پورهيت هيوي وولٽيج تار مان ڪرنٽ لڳڻ ڪري سخت زخمي ٿيو جنهن کي حالت حيدرآباد ريفر ڪيو ويو ڳوٺ شفيع محمد چيئرمين ۾ پورهيت غلام نبي ولد جاڪرو نوحاڻي زرعي زمين تي ڪم ڪري رهيو ته پرسان گذرندڙ هيوي وولٽيج جي تارن مان اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهنکي سنڌس وارث فوري طور تي تعلقي اسپتال ڏگهڙي ڪڻائي پهتا جتي ڊاڪٽرن ڪيس طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد حيدرآباد ريفر ڪري ڇڏيو زخمي پورهيت جي وارثن موجب هيوي وولٽيج جي تار هيٺ لٽڪيل هئي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

باقراڻي جي سينيئر صحافي بشير احمد شيخ جو ڀيڻيو بيماري سبب لاڏاڻو ڪري ويو

باقراڻي (ن ع) پريس ڪلب باقراڻي جي سينيئر صحافي بشير احمد شيخ جو سئوٽ (ڀيڻيو) حمزه علي شيخ ڪافي عرصي کان بيمار رهڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو، مرحوم جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ باقراڻي تعلقي جي مختلف
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جماعت اسلامي جو اڳواڻ حافظ طاهر مجيد ديگهي جي حوالي سان پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور شهر سميت ضلعي ۾ گذريل مهيني ۾ مليريا جا 4237 ۽ ڊينگو وائرس جا 15 ڪيس ظاهر

مليريا پي وي جا 3 هزار 8 سئو 50 ۽ مليريا پي ايف جا 342 ڪيس ظاهر ٿيا آهن: صحت کاتو

آڪٽوبر ۾ 32 هزار 5 سئو 50 ماڻهن جي ٽيسٽون ڪيون ته 4 هزار 2 سئو 37 ڄڻن جا نتيجا مثبت آيا

ضلعي ۾ 15 ڊينگو وائرس جا ڪيس پازيٽو آيا، 13 مريض جو علاج ڪرڻ بعد کين گهر روانو ڪيو

خيرپور(ذ) مليريا پي وي جا 3 هزار 8 سئو 50 ۽ مليريا پي ايف جا 342 ڪيس ظاهر ٿيا آهن جڏهن ته رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته خيرپور ضلعي ۾ 15 ڊينگو وائرس جا ڪيس پازيٽو آيا جن جو علاج ڪيو ويو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ويجهو ٿرڪول مزدورن پاران ڪم ڇڏ هڙتال، ناانصافين خلاف مظاهرو

سوين پورهيتن سائينو سنڌ ريسورسز ڪمپني جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج ڪيو ويو

پگهارن مان ڪٽوتي ۽ ڪمپني جي گيٽ تي مزدورن کي ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي ٿو: الزام

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر بجير) ٿرڪول بلاڪ ون تي مائيننگ واري سائيٽ ڪم ڪندڙ سائينو سنڌ ريسورسز ڪمپني مزدور طبقي جي ملازمن سان ٿيندڙ ناانصافين جي حد ڪري ڇڏي آهي،ناانصافين خلاف سوين مزدورن ٿرڪول اندر ڪم ڇڏ هڙتال ڪري احتجاج شروع ڪيو ويو آهي،انهي سلسلي ۾ احتجاج ڪندڙ ملازمن جو چوڻ هو ته اسان مزدور اتحاد پاران ڪمپني جي زيادتين خلاف رات کان ڪم ڇڏ هڙتال جاري آهي،سوين ملازم احتجاج تي ويٺل آهن،ملازمن موجب ته اسان جي پگهار ۾ ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي،سنڌ حڪومت
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکر ايڪسائيز پوليس پاران عورت سميت 4 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ايڪسائيز ڪيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ مڪيش ڪمار چاولا جي هدايت تي صوبي ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن ۽ اسمگلرن خلاف آپريشنز کي تيز ڪيو ويو آهي. سکر ۾ نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي سنڌ، روهڙي سرڪل اي اي ٽي او قمرالدين سيال جي قيادت هيٺ سينٽرل جيل روڊ تي ڪارروائي ڪندي ريو گاڏي سان هي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ بار پاران اين پي پي سربراهه مرتضيٰ جتوئي جي مان ۾ آجياڻو

تقريب ۾ اڳوڻي ايم پي اي معظم عباسي سميت وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

27 ترميم کي رد ڪيون ٿا، اها ترميم عوام دشمن ۽ عدليا جا هٿ ڪٽڻ برابر آهن: اڳواڻ

لاڙڪاڻو(رپورٽ: عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي اين پي پي سربراهه غلام مرتضيٰ جتوئي جي مان ۾ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو جي صدر ايڊوڪيٽ اطهر عباس سولنگي طرفان تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ جي ڊي اي اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم پي اي سردار معظم خان عباسي سميت وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب 27 آئيني ترميم جي خلاف منظم جدوجهد ڪرڻ جو آغاز هيس بار جي صدر ايڊوڪيٽ اطهر عباس سولنگي ايڊوڪيٽ عرفان جتوئي ۽ ٻين آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا پڻ پيش
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي ڳستا اڳواڻ محمد صفر سائند جو ڀاءُ محمد عالم سائند لاڏاڻو ڪري ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ڳستا اڳواڻ محمد صفر سائند جو ڀاءُ صحت کاتي جو ملازم محمد عالم سائند مختصر علالت بعد هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي آخري رسمن ۾ اهم سياسي سماجي اڳواڻن سميت سائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٻئي طرف محمد صفر سائند سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

ڪراچي: يوسي سطح تي غربت گهٽائڻ بابت تقريب ۾ عورتون ويٺل آهن

مورو پوليس پاران ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مورو (ن ع) ڪورائي ٿاڻي جي ايس ايڇ او محمد علي ڏهراج پوليس نفري سان گڏ اسنيپ چيڪنگ دوران موٽر سائيڪل تي سوار ٻن ڄڻن نياز ملاح ۽ مهتاب ملاح کي روڪي تلاشي وٺڻ دوران سندن قبضي مان پندرهن ليٽر ديسي شراب ٿرو هٿ ڪري ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن خلاف ڪورائي ٿاڻي ۾ سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڳاڙهو گهوڙا ٻاري ۾ پيپلز پارٽي ۽ ضلعي انتظاميا طرفان زرعي سيمينار

سنڌ حڪومت زميندارن ۽ هارين کي ٻج، ڊي اي پي ۽ يوريا جي سهولت ڏئي رهي آهي: عاشق زرداري

پيپلز پارٽيءَ جي ڪوشش زميندارن ۽ هارين کي زرعي مدد فراهم ڪرڻ آهي: عبدالحميد پنهور

ڳاڙهو (ن ع) گهوڙا ٻاري ٽائون ڪميٽي ۾ زميندارن، هارين زرعي کاتو ۽ روينيو کاتي جو گڏيل سيمينار ٿي گذريو. جنهن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ عاشق حسين زرداري . چيئرمين ضلعي ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور. پ پ جي امتياز احمد قريشي . ايگريڪلچرل جي محمد عرس چوهاڻ تقريرون ڪيون . انهيءَ موقعي تي پ پ اڳواڻ عاشق حسين زرداري تقرير ڪندي چيو ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت سنڌ جي زميندارن ۽ هارين کي پوکائي جي لاءِ ٻج .ڊي اي پي ۽ يوريا جي سهولت ڏئي رهي آهي. جنهن سان زميندار
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

هالا جي صحافي دادا اختر ميمڻ جي امڙ ۽ صحافي جواد ميمڻ جي ڏاڏي لاڏاڻو ڪري وئي

هالا (ن ع) هالا جي سينئر صحافي دادا اختر ميمڻ جي جيجل امڙ ۽ ڏرتي ٽي وي جي رپورٽر صحافي جواد ميمڻ جي ڏاڏي گذريل ڏينهن رضاءِ الاهي سان انتقال ڪري وئي . مرحوما جي جنازي نماز هالا پراڻا جي شاهه ديوانو قبرستان ۾ ادا ڪرڻ بعد کيس آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. جنازي نماز ۾ زندگيءَ جي هر مڪتب
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پيپلز پارٽيءَ جي ڪوشش زميندارن ۽ هارين کي زرعي مدد فراهم ڪرڻ آهي: عبدالحميد پنهور

ڪلاڪن کان بند شاهراهه سبب سوين گاڏين جون قطارون لڳي ويون

ٽريفڪ انتظاميا باوجود ڪافي وقت گذرڻ جي روڊ تي ٽريفڪ بحال نه ڪري سگهي

مورو (ن ع) مورو قومي شاهراهه ٻاءِ پاس گذريل ڪيترن ڪلاڪن کان بند، سوين گاڏين جون قطارون لڳي ويون مسافر تڙپي شهري پريشان،جڏهن ته مسافر گاڏيون وچ شهر مان هلڻ لڳيون مين روڊ سوڙهو هجڻ سبب شهرين کي سخت تڪليف جو منهن ڏسڻو پيو ٿو جڏهن ته قومي شاهراهه تي انتظاميه مڪمل گم مسافرن کي کاڌ خوراڪ جي سخت پريشاني ڪافي ڪلاڪ گذرڻ باوجود ٽريفڪ بحال نه ٿي سگهي آهي

اڳڙا پوليس پاران ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پوليس چوڪي جي اهلڪارن ۽ اڳڙا ٿاڻي جي پوليس جي مبينه طور تي منشيات فروشن جي خلاف وٺ پڪڙ جو عمل جاري ڇاپي ۾ اڳڙا پوليس طرفان 2 منشيات فروشن محمد عظيم ۽
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ ميلي مان نوجوان جي موٽرسائيڪل چوري

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل لڳ ڪينٽ ٿاڻي جي حد روحو مهيسر ۾ هلندڙ ميلي دوران گذريل رات ملاعلي واسي نويد پٽ انورالدين مهيسر جي cd 2022 ماڊل موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي

ملتان: هڪ اسٽال تي مڇيون وڪري لاءِ رکيل آهن

ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي مختلف واقعن ۾ ٽن عورتن سميت 20 ڄڻا زخمي

روڊ حادثن ۾ الهه بخش، گلاب، عظمت، وڪي ڪمار ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

چٽن ڪٽن ڏاڙهن سبب زخمي ڪلثوم، ظهير، بشير ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي موٽرسائيڪلن جي ٽڪر ۾ الهه بخش، گلاب . عظمت علي . وڪي ڪمار . وحيد . حليم . ماجد ۽ شهزاد زخمي ٿي پيا مختلف ڌرين ۾ ٿيندڙ جهيڙن دوران حميده . روشن علي . پريم ۽ شوال زخمي ٿي پيا جڏهن ته ڪلثوم . ظهير . بشير . واحد بخش . رميش ڪمار . علي بخش . ڪالو خان ۽ يار محمد کي ڏار ڏار چٽن ڪٽن ڏاڙهن زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو .

سيٺارجا ۾ ڳوٺاڻن جو ٻاٽرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ پيربخش راڄپر واسين علي مراد، حنيف، حاجن راڄپر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٻاٽر ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

سيٺارجا(ن ع) سيٺارجا ويجهو ڳوٺ پيربخش راڄپر جي رهواسي علي مراد، حنيف، حاجن راڄپر مسمات گليسٽي ارباب خاتون، مسمات سعابي خاتون راڄپر ۽ ٻين ٻاٽرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ڪندي ڏانهيو آهي ته اسان جي ڳوٺ جي ٻاٽرن غلام حسين عرف بادو امجد الهوڏيو عرف وڏو ۽ ٻين اسان لاءِ بنا جواز رڻ ٻاري ڏنو آهي ٻاٽر اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي اسان کي پريشان ڪري رهيا آهن ان سان گڏ اسان جي معان چورين ڏاڙن ۽ ڦرن جا ڪيس داخل ڪرائي سيٺارجا پوليس کان
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه پاران سکر ايس آءِ يو ٽي جو دورو

اسپتال جي مختلف شعبن جو جائزو ورتو ۽ علاج هيٺ مريضن جي عيادت پڻ ڪئي

مريضن کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: اويس قادر شاهه

سکر (بيورو رپورٽ) اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه هفتي جي ڏينهن سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولوجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (SIUT)سکر جو خصوصي دورو ڪيو جتي هن اسپتال جي مختلف شعبن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ علاج هيٺ مريضن جي عيادت پڻ ڪئي دوري دوران اسپيڪر مريضن کان سندن خيريت پڇي ۽ کين ملي رهي طبي سهولتن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. هن اسپتال انتظاميا، ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف سان ملاقاتون ڪري علاج معالجي جي نظام، وڌندڙ مريضن جي تعداد، درپيش مسئلن ۽ انتظامي معاملن
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: لوڪ ورثا فيسٽيول دوران ڇوڪريون اسٽال ڏسي رهيون آهن

شهدادپور ٿاڻي تي تشدد ۾ فوت ٿيل استاد عزيز جکرو جي وارثن جي ضمانت منظور

دهشتگردي جي انٽ واري عدالت 50 50 هزار جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪئي

شهدادپور (ن ع) هالا ٿاڻي تي شهدادپور پوليس تحويل ۾ فوت ٿي ويل استاد عبدالعزيز جکرو جي وارثن پاران نيشنل قومي شاهراهه هالا لڳ بند ڪري احتجاج ڪندڙ عورتن ۽ مردن تي ٿيل ڪيس ۾ ايڊووڪيٽ آغا افتخار ترين ذريعي هائي ڪورٽ حيدرآباد جي دهشتگردي جي انٽ واري عدالت 50 50 هزار جي مچلڪن عيوض استاد سهيل احمد لاکو چاڪر ارشد جکرو، چاڪر ذوالفقار جکرو، چاڪر مرتضيٰ جکرو، چاڪر حيدر جکرو ۽ ٻين جي ضمانت منظور ڪري ڇڏي آهي. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ استاد چاڪر عزيز جکرو مبينا طور
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

راڏڻ ويجهو باهه جي واقعن ۾ 6 گهر ۽ هڪ دڪان سڙي رک، لکين رپين جو نقصان

موجهڙ دلاور واري ڪوهه واسي گلشير سوجهرو، غلام نبي چانڊيو ۽ ٻين جا گهر سڙي ويا

ڳاهي مهيسر روڊ تي منظار ۽ خورشيد ٻگهيو جي موبائل جي دڪان کي باهه لڳڻ سبب لکين رپين جو نقصان

راڏڻ (ن ع) راڏڻ ويجهو ڪاڇي سوجهڙ دلاور واري ڪوهه جي علائقي ۾ 6 کان وڌيڪ پورهيتن جي گهرن کي گذريل رات دير سان اوچتو باهه لڳي وئي باهه لڳڻ سبب پورهيتن گلشير چانڊيو ،سوجهرو چانڊيو غلام نبي،وريام شاهن،علي مراد جا گهر سڙي رک ٿي ويا. جڏهن ته پورهيتن جو لکين رپين جي ماليت جو سامان سميت الهه تلهه سڙي رک ٿي وڃڻ ڪري پورهيت کلي آسمان هيٺ ويٺا آهن متاثر پورهيتن جو چوڻ آهي ته اسان رات جو گهرن ۾ ستا پيا هئاسين ته اسان جي گهرن کي باهه لڳي وئي جنهن سبب اسان
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

27 ترميم مخصوص طبقي کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ آندي وئي آهي: ام رباب چانڊيو

هن ترميم ۾ 80 سيڪڙو هن ترميم ۾ عدالتي نظام تي سوال پيدا ڪري ڇڏيا آهن

اگر ترميم آئين پاڪستان ۽ عوام جي ڀلائي ۾ نه آهي ته احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ گهرجن

دادو(د-ر) دادو ۾ سنڌ جي نياڻي ام رباب چانڊيو جي ٽن گهر ڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي دادو ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج حسن علي ڪلوڙ جي عدالت ۾ ٿي گذري، ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڪيس جي فريادي پرويز چانڊيو ۽ ام رباب چانڊيو عدالت پهتا جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد جوابدار پ پ پ ايم پي اي برهان خان چانڊيو ۽ ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو عدالت پهتا، جڏهن ته ڪيس ۾ گرفتار ٿيل
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

دادو: ام رباب ۽ سردار خان چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ڪيڊٽ ڪاليج ڪرمپور ۾ انٽر هائوس ٽيبل ٽينس ٽورنامينٽ منعقد

اقبال هائوس شاندار ڪارڪردگي سان ٽورنامينٽ جو چيمپيئن بڻيو

رانديون ڪيڊٽس ۾ قيادت، ڏيان ۽ مثبت رويو پيدا ڪن ٿيون: وائيس پرنسپل

ڪنڌڪوٽ (ذ ر) ڪيڊٽ ڪاليج ڪرمپور ۾ وڏي اُتساهه جذبي ۽ رانديون واري مثبت رويي سان انٽر هائوس ٽيبل ٽينس ٽورنامينٽ 2025 ڪاميابيءَ سان منعقد ٿيو جيڪو 10 نومبر کان جاري رهيو ٽورنامينٽ دوران سڀني هائوسز جي ڪيڊٽس ڀرپور دلچسپي، نظم ۽ ضبط ۽ سٺي مقابلي جي جذبي سان حصو ورتو پهريون ميچ اقبال هائوس ۽ جناح هائوس وچ ۾ ٿيو جنهن ۾ سنگلز ۽ ڊبلز ٻئي مقابلا جناح هائوس کٽي ورتا ٻئي ميچ ۾ جناح هائوس جو مقابلو شهباز هائوس سان ٿيو جنهن ۾ به جناح هائوس سنگلز ۽ ڊبلز
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

دادو ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ جو جيل جو اوچتو دورو

سيد امداد علي شاهه ۽ ٻين آفيسرن قيدين سان ملاقات ڪري مسئلا ٻڌا

جيل اسپتال، ڪچن، دوائن جي فراهمي ۽ خوراڪ جي معيار جو جائزو پڻ ورتو

دادو(ذ ر) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ سيد امداد علي شاهه ڊپٽي ڊائريڪٽر رجسٽرار سميع الله جويو ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر دادو سيد هدايت حسين لڪياري پاران دادو جيل جو اوچتو دورو ڪيو ويو دوري دوران جيل جي مختلف حصن جيل اسپتال، ڪچن دوائن جي فراهمي خوراڪ جي معيار ۽ قيدين لاءِ موجود سهولتن جو تفصيلي سان جائزو ورتو ويو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر جو تعلقه اسپتال گهوٽڪي جو دورو

فضل محمد شيخ انتظامي معاملن ۽ فراهم ڪيل علاج جي سهولتن جو جائزو ورتو

اسپتال ۾ ايندڙ هر مريض کي علاج جون ضروري سهولتون فراهم ڪيون وڃن: فضل شيخ

ميرپور ماٿيلو (ن ع) محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي جي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ جو تعلقه اسپتال گهوٽڪي جو دورو علاج جي سهولتن جو جائزو ورتو محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي جي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ تعلقه اسپتال گهوٽڪي ڊاڪٽر سروانند سان گڏ تعلقه اسپتال جو دورو ڪيو جتي هن اسپتال جي مختلف سرگرمين انتظامي معاملن ۽ فراهم ڪيل علاج معالجي جي سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: حيات گرلس اسڪول ۽ ڊگري گرلس ڪاليج جي ٽيمن وچ ۾ والي بال ميچ ٿي رهيو آهي

راڄوخاناڻي لڳ پيپلز هائوسنگ اسڪيم تحت ٻن ڳوٺن ۾ تعمير ٿيل گهرن جو افتتاح

ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر يوسي ڏاڏاهه ۽ يوسي بهادر چانڊيو پهچي گهرن جو افتتاح ڪيو

چيئرمين بلاول ڀٽو جي ڪوشش ۽ محنتن سان ٻوڏ متاثرن جي لاءِ مفت گهر ٺاهي ڏنا ويا آهن: خطاب

راڄوخاناڻي(رپورٽ: اميت ڪمار اداسي) سنڌ حڪومت جي تعاون سان سنڌ پيپلز هائوسنگ فلڊ افيڪٽڊ اسڪيم تحت ٻن ڳوٺن ۾ تعمير ٿيل سوين گهرن جو افتتاح ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر ڪري ڇڏيو تفصيل موجب راڄوخاناڻي پرسان صوبائي تڪ ٽلهار جي پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي ميرالله بخش ٽالپر پهچڻ تي ڪٽ جي ٻن يونين ڪائونسلن يوسي ڏاڏاهه ۽ يوسي بهادر چانڊيو ۾ پهچي 2022 واري ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل خاندانن کي پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي مشن ۽ ويزن تي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ستاويهين آئيني ترميم جي خاتمي لاءِ وڪلا برادري متحد آهي: ڪي بي لغاري

اهڙي تحريڪ هلائينداسين جو ٻيهلو وارو ڏرڪو ۽ افتخار چوڌري واري تحريڪ وسري ويندي

اسان جي جدوجهد ستاويهين آئيني ترميم جي خاتمي تائين جاري رهندي: هنگورجا ۾ خطاب

هنگورجا (ن ع) سنڌ بار ڪائونسل جي وڪيل اڳواڻ ڪي بي لغاري چيو آهي ته ستاويهين آئيني ترميم جي خاتمي لاءِ وڪلا برادري متحد ۽ منظم ٿي رهي آهي ملڪ جي اندر اهڙي تحريڪ هلائينداسين جو ٻيهلو وارو ڏرڪو ۽ 2007 افتخار چوڌري واري تحريڪ وسري ويندي هنگورجا ۾ ايڊووڪيٽ بدر منگيجو جي رهائش گاهه تي وڪيلن جي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو آهي ته ملڪ جي مڙني وڏن شهرن لاهور ڪوئيٽا، راولپنڊي سميت وڪلا ڪنوينشن ٿيندا ۽ ڪنهن به ريت وڪيل ماٺ ڪري نه
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

بدين ويجهو شادي تي ويندڙ ڇاڇين سان ڀريل سوزوڪي ڪلٽي، ٻارن سميت 16 ڄڻا زخمي

انصاري شوگر مل پرسان زرداري روڊ تي ڇاڇين سان ڀريل تيز رفتار سوزوڪي ٽائر ڦاٽڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي

حادثي سبب نگينه، فوزيه فاضيلا، ندا شهنيلا، ثوبيه، معظم عليشا، معصومه، ٻامبو، عابده ندا ۽ ٻيون زخمي ٿي پيون

اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ رضاڪارن پهچي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو جتان ڪجهه زخمين کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

ماتلي/بدين (نمائندن وٽان) انصاري شوگر مل پرسان زرداري روڊ تي شادي تي ويندڙ ڇاڇين سان ڀريل تيز رفتار سوزوڪي گاڏي ٽائر ڦاٽڻ سبب اونڌي ٿي وئي جنهن
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ماتلي: حادثي ۾ زخمي ٿيل عورتن کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

سيٺارجا ويجهو عدالتي حڪم تي لڳايل بيريئرس سان گاڏي ٽڪرائجڻ سبب نوجوان فوت

سيٺارجا (ن ع) ٽنگريجه چوڪي تي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ ڪاريگر لوڪ ورثا ميلي ۾ رباب ٺاهي رهيو آهي

سکر ۾ روهڙي واسين جو ٻاٽر ماڻهن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ اروڙ واسين نواز، نادر، مسمات امن، صاحبه، سروري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٻاٽرن جي چرچ تي پوليس ڌمڪيون ڏيڻ ڪري ڇڏيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي: متاثرين

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي جي ڳوٺ اروڙ جي رهواسي سروري برادري جي مردن ۽ عورتن ٻاٽر ماڻهن جي مبينا ظلم زيادتي ۽ پوليس جي ناانصافين خلاف سکر پريس ڪلب جي اڳيان ڀاڪ ڪتاب هٿن ۾ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري ۾ شامل متاثر محمد نواز سروري، نادر علي مسمات آمش مسمات صاحبه ۽ مسمات نادره صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته عيدالفطر جي ٻئي ڏينهن معمولي ڳالهه تان سندن والد محمد نواز تي امير علي سروري ، ظهير صغير عظمت الله مدثر ۽ ٻين اڻڄاتل جوابدارن لوهه جي راڊن لٺين ۽
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڀان سيد آباد ويجهو سئو کان وڌيڪ ڳوٺاڻا ڪاري ڪامڻ ۾ مبتلا، هفتي اندر 7 ڄڻا فوت

ڳوٺ ٽنگر خان بروهي ۾ سئو کان وڌيڪ مرد، عورتون ۽ ننڍا ٻار بيماري ۾ مبتلا ٿي ويا

هڪ هفتي اندر وحيد، ڪلبهار، نيڪ محمد، يعقوب بروهي ۽ عورت سميت 7 ڄڻا فوت ٿي چڪا

ڳوٺ اندر پيئڻ جي صاف ۽ مٺي پاڻي جي سهولت نه هجڻ ڪري رهواسي بيماري ۾ مبتلا ٿين پيا: ڳوٺاڻا

ڀان سيدآباد (ن ع) ڀان سيد آباد ويجهو ڳوٺ ٽنگر خان بروهي ۾ ڪاري ڪامڻ سبب هڪ هفتي اندر وحيد بروهي، ڪلبهار بروهي، نيڪ محمد بروهي يعقوب بروهي ۽ هڪ عورت سميت 7 ڄڻا فوت ٿي ويا
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور واسڻ جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، ٻن پٽن کي کڻڻ جا الزام

پوليس پٽن ڪاشف ۽ روشن موريجو کي کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي: خورشيد بانو

پٽن جي آزادي لاءِ لک رپيا گهري رهي آهي نه ڏيڻ جي صورت ۾ هاف فراءِ جي ڌمڪي ڏني آهي

خيرپور(ذر)خيرپور پوليس ٻن پاٽرن کي کڻي ڪري ڇڏيو سندن امڙ جو ميڊيا آڏو سخت احتجاج پوليس ٻن پٽن کي ناحق کڻي گم ڪري ڇڏيو رشوت نه ڏيڻ تي هاف يا فل فراءِ ڪري ڇڏڻ جي ڌمڪي ڏني آهي تفصيل موجب خيرپور جي شاهه لطيف ٿاڻي جي پوليس پرگڙي محلا ۾ گهر ۾ داخل ٿي ٻن پاٽرن ڪاشف ۽ روشن موريجو کي کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي ان ڏس ۾ پيرسن عورت خورشيد بانو موريجو ميڊيا آڏو سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته خيرپور جي شاهه لطيف ٿاڻي جي پوليس گهر ۾ داخل ٿي پيچ ڊاهه ڪرڻ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ ڳوٺاڻي جي موٽرسائيڪل چور کاهي ويا، اين سي داخل

مورو (ن ع) مورو درس ٿاڻي جي حدڳوٺ گولو پوٺو ۾ زمين تي هرڏيارڻ دوران گاڏي بيهاري زمين تي ويندڙ وڏيرو اسماعيل ابڙو جي نا معلوم چور موٽرسائيڪل ايڪسپريس 2020 ماڊل ڪاهي فرار ٿي ويا، درس ٿاڻي تي اين سي داخل ڪاٻ گرفتار عمل ۾ ڪانه آهي

خيرپور جي وڪيلن پاران 27 آئيني ترميم خلاف عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ

خيرپور(ذر) 27 آئيني ترميم خلاف سنڌ بار ڪائونسل ۽ ڊسٽرڪٽ بار ڪائونسل جي سڏ تي عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو آهي ڪارروائين جي بائيڪاٽ سبب ٻڌڻين تي آيل سوين سائلين وائيس موٽي ويا.

اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ٽرڪ جي ٽڪر ۾ واٿهڙو چيڀاٽجي فوت

ڌهه دري وٽ حادثي جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

فوتي جي سڃاڻپ اشتياق بڙدي جي نالي سان ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڌهه دري ويندڙ روڊ تي ٽرڪ واٿهڙي کي چيڀاٽي ڇڏيو فوتي جي سڃاڻپ اشتياق بڙدي جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته اطلاع تي اوڏيرولال اسٽيشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٽرڪ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ۽ ٽرڪ ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو آهي جنهن جي نالي جي خبر ناهي ملي سگهي هوڏانهن آهي ته چوپول آهن ته فوتي اشتياق بڙدي جو دماغي توازن ٺيڪ نه هو جنهن پاڻ کي ٽرڪ اڳيان ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي واقعي واري هنڌ بيٺل ڪجهه ڳوٺاڻن
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي ٻن عورتن سميت 3 ڄڻن پاران ڌار ڌار آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 25 سالا نوجوان روشن علي ولد علي گوهر . ٻيرائي ۾ شادي شده عورت عائشه زال اعجاز ۽ ٽنڊو آباد ۾ شيرين زال جهانگير گهرو مسئلن سبب ڌار ڌار زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتان عائشه زال اعجاز کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ايل ايم حيدرآباد ريفر ڪيو ويو .

اوڏيرولال: ڌهه دري روڊ تي ٽرڪ جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل واٿهڙو جو لاش پيل آهي

سول اسپتال خيرپور ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن کان بجلي بند، مريض ۽ تيمارداري عملو سخت پريشان

ايمرجنسي سميت مختلف وارڊن توڙي آفيسن جي بجلي بند هجڻ ڪري 25 کان وڌيڪ آپريشن ملتوي

هيوي جنريٽر هجڻ باوجود انتظاميا ايندڙ مريضن کي رلائي رهي آهي، نوٽيس ورتو وڃي: متاثرين

خيرپور(ذر)سول اسپتال خيرپور ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن کان بجلي بند مريض توڙي عملو سخت پريشان 25 کان وڌيڪ آپريشن ملتوي تفصيل موجب سول اسپتال خيرپور انتظاميا جي نااهلي سبب اسپتال جي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل مان ٽي مهينا اڳ مبينا اغوا ڄاڻايل مدرسي جو طالب علم مبارڪ پور ٿاڻي تان بازياب

ننگر زين بلو کي سڀ جج پنوعاقل جي آڏو پيش ڪري ڇڏيو هٿين زنجيرن ۾ جڪڙيل حالت ۾ بازياب ڪرايو

معصوم جو اغوا خلاف جي يو آءِ پاران مسلسل احتجاج ڪيو ۽ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ درخواست پڻ جمع ڪرائي

پنوعاقل(رپورٽ اعجاز جهنڊير) پنوعاقل لڳ.مدرسي جو معصوم طالب زين العابدين (اغوا ڄاڻايل) جي عدالتي ڇاپي ذريعي پنو عاقل جي مبارڪ پور ٿاڻي تان بازيابي جي خبر علائقي اندر پکڙجي وئي، هن اشو تي جي يو آءِ پرپور تحرڪ ورتو هو پنو عاقل ٿاڻي کان ڏرٽي ذريعي ٿيل احتجاج سکر ايس ايس پي آفيس تائين پهتو جتي لڳل ڌرڻو ڳالهين ذريعي مهلت وٺي ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل ختم ڪرايو هو جي يو آءِ جي صوبائي قيادت پرپور اسٽينڊ وٺي سنڌ حڪومت، آءِ جي سنڌ کي چتاءُ ڏنو
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

پنو عاقل: بازياب ٿيل نوجوان

هالا ۽ بدين ۾ وڪيل برادري جو 27 هين آئيني ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو

27 آئيني ترميم ڪارو قانون آهي، ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو:مظاهرين

پهريان صحافين کي خاموش ڪرڻ لاءِ پيڪا ايڪٽ آندو ويو ۽ هاڻ عدالتن کي ماتحت ڪيو پيو وڃي

بدين/هالا (نمائندن وٽان) سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي سڄي سنڌ جيان بدين ۾ پڻ 27 ترميم سميت ٻين تجويز ڪيل آئيني تبديلين خلاف وڪيل برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ضلعي بار ايسوسيئيشن بدين جي صدر لالا دلدار پٺاڻ ۽ سيڪريٽري امير آزاد پنهور سيد سجاد شاهه شيرازي جي اڳواڻي ۾ وڪيلن وڏي تعداد ۾ عدالتن آڏو گڏ ٿي احتجاج رڪارڊ ڪرايو وڪيلن اعلان ڪيو ته 15 نومبر ڇنڇر ڏينهن ستاويهه ۽ اٺاويهين آئيني ترميمن خلاف هڙتال ڪئي ويندي جنهن تحت عدالتي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

دادو شهر ۾ رولو ڪتن خلاف ڪتا مار مهم شروع، مختلف علائقن ۾ 30 کان وڌيڪ ڪتا ماريا ويا

دادو(د-ر) دادو ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين پير دانش علي شهر اندر رولو ڪتن جو سختي سان نوٽيس وٺندي ميونسپل ڪاميٽي جي چيف ميونسپل آفيسر جاويد راهيوڪي علاوا منگي لياقت سومرو ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته ميونسپل چيئرمين جي سخت هدايتن تي دادو شهر ۾ رولو ڪتن خلاف
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: پوليس اهلڪار ٿيليسيميا جي مريض ٻارن لاءِ رت جو عطيو ڏئي رهيا آهن

دادو جي واپاري جو پٽن سميت اهلڪار جي ظلم ۽ زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

دادو(د-ر) دادو شهر جي سرڪيور محلا جي رهواسي ڪار شو روم مالڪ پيو لنڊ پنهنجي پٽن محمد حسين،محسن ۽ حسيب لنڊ سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي پنهنجي ڀاءُ سپاهي اسلم لنڊ، ارسلان ۽ فراز لنڊ جي ظلمن خلاف احتجاج
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي ۾ رڻ شاخ ۽ ڊيلو مائينر جي پڇڙي ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج

پڇڙي ۾ پاڻي کوٽ خلاف آبادگارن ڪوڙون ڪٺي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

اسان جي حصي جو پاڻي مٿيو جي ٻاٽر زميندارن کي وڪرو ڪري ڏنو ٿو وڃي: مظاهرين

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي ۾ رڻ شاخ ۽ ڊيلو مائينر شاخن جي پڇڙي ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي وئي رڻ شاخ ۽ ڊيلو مائينر شاخن جي پڇڙي ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف 2/3 ايڪڙ جي تنين آبادگارن پاران ڪوڙون هٿن ۾ ڪٺي ڏانهون ڪيون ويون خبر موجب ڪلوئي جي رڻ شاخ ۽ ڊيلو مائينر شاخن جي پڇڙي ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ خلاف
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪراچي شهر ۾ هلندڙ سال جي دوران حادثن ۾ فوتين جو انگ 755 ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) ڪراچي شهر ۾ هلندڙ سال جي دوران مختلف علائقن ۾ موٽمار ٽريفڪ حادثن ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت فوت ٿيندڙ ماڻهن جو ڪل انگ
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ نصير احمد ڏيٿو انجمن تاجران جو نائب صدر مقرر ٿيڻ تي آجياڻو

عاشق حسين عباسي ۽ ٻين اڳواڻن نصير احمد ڏيٿو کي تحفا ڏئي مبارڪباد ڏني

انسانيت جي خدمت عين عبادت، خيرپور جي امن ۽ انتظامي صورتحال تي ڳڻتي آهي: نصير احمد ڏيٿو

خيرپور (ذ ر) انجمن تاجران پاران خيرپور جي معروف سماجي ادبي ڪاروباري شخصيت چيئرمين زڪوات نصير احمد ڏيٿو کي انجمن تاجران جو نائب صدر مقرر ڪرڻ ڪان پوءِ انجمن تاجران جي صدر عاشق حسين عباسي چيئرمين باني سيد عبدالله شاهه بخاري سينئر وائيس چيئرمين ڪرمڪ ماڪيجا جنرل سيڪريٽري مظفر حسين چنو ۽ ٻين دوستن طرفان المنظر ريسٽورنٽ ۾
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ۾ نوجوان پورهيت جو پيرسن امڙ ۽ ٻارڙن سان گڏجي زال ۽ ساهرن خلاف احتجاج

باقراڻي (ن ع) باقراڻي پريس ڪلب اڳيان تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ غازي خان مشوري جي رهواسي نوجوان پورهيت انور علي مشوري پنهنجي پيرسن امڙ مسمات افروز خاتون مشوري ۽ معصوم ٻارڙن 5 ورهين جي معصوم پٽ شاهزيب ۽ 3 ورهين جي نياڻي اقراءِ سميت گهر واري ۽ ساهرن جي مبينا ناانصافين ۽ ظلم خلاف احتجاج
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڊي اي او سيڪنڊري جو اسڪولن جو دورو

عبدالسميع پنهور شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگي ۽ انفراسٽرڪچر جو جائزو ورتو

شاگردن کي همت افزائي، محنت ۽ علم سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي اهميت تي زور

خيرپور(ذ ر) اڄ 14 نومبر تي ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور، اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر عتيق الرحمان ميمڻ کي اي او سيڪنڊري خيرپور مختيار احمد سولنگي ۽ فراز پٺاڻ گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول سمنگ ۽ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول سلطان المدارس جا دورا ڪيا جتي اسڪولن جي انفراسٽرڪچر صفائي سٿرائي ۽ عمارتن جي سار سنڀال
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ شگر جي عالمي ڏهاڙي تي آگاهي واڪ ۽ سيمينار منعقد

ڊائبيٽس هاڻي 'خاموش وبا' نه پر قومي سطح جو ڪليل بحران بڻجي چڪي آهي: ماهر

پاڪستان ۾ 27.4 ملين بالغ شگر بيماري جو شڪار آهن، سنڌ سڀ کان وڌيڪ خطري ۾ آهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ عالمي ڊائبيٽس جي ڏهاڙي جي حوالي سان آگاهي واڪ ۽ سيمينار منعقد ڪيو ويو چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ ڊائبيٽس جي سربراهه ڊاڪٽر مجيب الرحمان ابڙو جي اڳواڻيءَ ۾ واڪ ۽ آگاهي سيمينار جنهن ۾ شهيد بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نصرت شاهه ايم ايس ڊاڪٽر نياز
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: وڪيل اڳواڻ ڪي بي لغاري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي ، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.